Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد :11 | آچر 05 فيبروري 2023ع بمطابق 13 رجب المرجب 1444هه | شمارو: 113 | قيمت10 روپيا

عمران خان جيل ڀريو تحريڪ بدران ٻڏي مرو تحريڪ شروع ڪري: مريم اورنگزيب

جيل ڀريو تحريڪ ۾ قيادت سڀ کان پهريان گرفتاري ڏيندي آهي، عمران خان ۾ جيل ڀريو تحريڪ جي سگهه آهي ۽ نه صلاحيت، تنهنڪري هو ٻڏي مرو تحريڪ شروع ڪري

جيل ڀريو تحريڪ لاءِ سنجيدا آهيو ته زمان پارڪ مان عورتن ۽ ٻارن کي هٽايو، اوهان کي جيل ڀريو تحريڪ جي ضرورت ناهي، ڪيسن جو جواب ڏيو جيلون ڀاڻ ڀرجي وينديون

ٻه ڏينهن جيل ۾ رهي جن جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويندا آهن اُهي جيل ڀريو تحريڪ هلائيندا، نواز شريف 374 ۽ مريم نواز 157 ڏينهن، آصف زرداري 248 ڏينهن جيل ۾ گذاريا ٽا پيا

فريال ٽالپر ڪيعيد جي ڏينهن گرفتار ڪيو ويو، هڪ همراهه ڀيهر اُها ئي تقرير ورجائي رهيو آهي جيڪا ويهن سالن کان ڪندو رهيو آهي

عمران خان پنهنجي دور ۾ پنجويهه ارب رُپين جا قرض ورتا، ڪيس مُلڪي معيشت جي تباهي، مهانگائي ۽ دهشتگردي جو جواب ڏيڻو پوندو

جيل ڀريو تحريڪ لاءِ سنجيدا آهيو ته زمان پارڪ مان عورتن ۽ ٻارن کي هٽايو، اوهان کي جيل ڀريو تحريڪ جي ضرورت ناهي، ڪيسن جو جواب ڏيو

اسلام آباد(م ڊ) سنڌ سماءَ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب پي ٽي آءِ چيئرمين ظرفان جيل ڀريو تحريڪ جي علان تي پنهنجي ردعمل ۾ چيو آهي ته جيل ڀريو تحريڪ ۾ قيادت سڀ کان پهريان گرفتاري ڏيندي آهي، عمران خان ۾ جيل ڀريو تحريڪ جي سگهه آهي ۽ نه صلاحيت تنهنڪري هو ٻڏي مرو تحريڪ شروع ڪري. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي هن پي ٽي آءِ چيئرمين کي چتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

اسلام آباد: وفاقي وزير مريم اورنگزيب ۽ وزيراعظم جو معاون فيصل ڪريم ڪنڊي پريس ڪانفرنس ڪندي

پي ڊي ايم کي ننڍي چونڊ ۾ حصو وٺڻ گهرجي يا نه؟ مولانا فضل الرحمان شهباز شريف کي صلاح ڏئي ڇڏي

اميد آهي ته عمران خان جلد نااهل ٿي ويندو، پي ڊي ايم کي قومي اسيمبلي جي اينڊڙ مهيني ٿيندڙ ننڍي چونڊ ۾ حصو نه وٺڻ گهرجي: مولانا

پنجاب ۽ خيبرپختونخوا ۾ امن امان ۽ اقتصادي صورتحال کي ڏسڻ کانپوءِ ئي اليڪشن ڪميشن کي چونڊن جي تاريخ ڏيڻ کپي

آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ سمورين جماعتن کي اليڪشن ڪميشن ۽ معيشت سميت قومي معاملن تي گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪرڻ کپي: وزيراعظم

مولانا صاحب! اسان مُلڪي معيشت کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوشش ڪري رهيا آهيون. مهانگائي جي لهر تي جلد ضابطو آڻي وٺنداسين

اسان تعميري سياست تي يقين رکون ٿا، هي وقت ڏڦيڙ پيدا ڪرڻ واري سياست جو نه آهي: مسلم ليگ ن جي صدر جون فضل الرحمان سان ملاقات دوران ڳالهيون

لاهور (م ڊ) جي يو آءِ (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته پي ڊي ايم کي قومي اسيمبلي جي اينڊڙ مهيني ٿيندڙ ننڍي چونڊ ۾ حصو نه وٺڻ گهرجي. ذريعن موجب وزيراعظم شهباز شريف سان پي ڊي ايم سربراهه مولانا فضل الرحمان لاهور ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات دوران ٻنهي اڳواڻن عمران خان جي مختلف ڪيسن بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ان موقعي تي مولانا فضل الرحمان چيو ته اميد آهي ته عمران خان جلد نااهل ٿي ويندو، پي ڊي ايم کي قومي اسيمبلي جي اينڊڙ مهيني ٿيندڙ ننڍي چونڊ ۾ حصو نه وٺڻ گهرجي. هن چيو ته پنجاب ۽ خيبرپختونخوا ۾ امن امان ۽ اقتصادي صورتحال کي ڏسڻ کانپوءِ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 41

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف سان جي يو آءِ (ف) جو سربراهه مولانا فضل الرحمان ملاقات ڪندي

مسجد ابوبڪر بحالي ۽ نئين سر اڏاوت بعد نمازين لاءِ کُلي وئي

اِها مسجد مديني شريف ۾ مسجد نبويءَ جي احاطي ۾ رسول صہ جي روضي مبارڪ جي سامهون المصلا يا "المناخ" واري علائقي ۾ قائم آهي

جتي رسول صہ عيد جي نماز ادا ڪئي هئي. مسجد جي بحالي ۽ نئين سر اڏاوت دوران مسجد جي منفرد اڏاوتي طرز کي محفوظ رکيو ويو آهي

مدينو شريف (م ڊ) مديني شريف ۾ تاريخي مسجد ابوبڪر الصديق رضي الله عنه جي بحالي ۽ نئين سر اڏاوت جو ڪم مڪمل ٿيڻ کانپوءِ ان کي نمازين لاءِ کوليو ويو آهي. اِها مسجد مديني شريف ۾ مسجد نبويءَ جي احاطي ۾ رسول صلعم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 42

پي ٽي آءِ مُلڪ ۾ دهشتگردي جي ذميوار ناهي، طالبان سان ڳالهيون نواز شريف شروع ڪيون: شاهه محمود

آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ شرڪت جي دعوت ڏيڻ کان اڳ نواز شريف فيصلو ڪري ته الزام لڳائڻو آهي. سياسي پلاند وٺڻو آهي يا شرڪت جي دعوت ڏيڻي آهي

ڪيس وزيراعظم جي بي حسي نظر اچي رهي آهي جڏهن ته پوري صوبي ۽ قوم تي سوڳ جي لهر ڇانيل آهي. هن چيو ته مان شهباز شريف کان سوال ڪيان ٿو

اسان حساب ڏيڻ لاءِ تيار آهيون، ڇا اوهان به تيار آهيو؟ اوهان جي دور ۾ پنجاب ۾ جيڪي عدالتن کان مٿانهان قتل ٿيا ان جو حساب ڏيڻ لاءِ تيار آهيو؟

لاهور (م ڊ) پي ٽي آءِ جي سينيئر اڳواڻ ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير شاهه محمود قريشي چيو آهي ته آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ شرڪت جي دعوت ڏيڻ کان اڳ نواز شريف فيصلو ڪري ته الزام لڳائڻو آهي. سياسي پلاند وٺڻو آهي يا شرڪت جي دعوت ڏيڻي آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 43

منير اڪرم افغانستان ۾ عورتن جي تعليم بابت پنهنجي بيان تي معافي وٺي ڇڏي

نيويارڪ (م ڊ) گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي مستقل نمائندي منير اڪرم افغانستان ۾ عورتن جي تعليم جي حوالي سان پنهنجي بيان تي سخت تنقيد کانپوءِ معافي وٺي ڇڏي آهي. ڪجهه ڏينهن اڳ پاڪستان جي مستقل نمائندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 44

ECONOMY
ROUND TABLE CONFERENCE
لاهور: وفاقي وزير منصوبه بندي ترقي ۽ خصوصي قدم احسن اقبال منعقد ٿيل سيمينار ۾ خطاب ڪندي

دادو ۾ گرينڊ هيلٿ الائنس سنڌ جي صحت کاتي جي ملازمن پاران احتجاج جاري

27 ڏينهن به سول اسپتال دادو ۽ ضلعي جي سيني تعلقه اسپتالن ۾ ڪم ڪندڙ صحت کاتي جي ملازمن پاران احتجاج ڪيو ويو

اسان مسلسل احتجاج ڪري رهيا آهيون پر صحت کاتي جي ملازمن جا جائز مسئلا هن مهل تائين حل ناهن ٿي سگهيا: مظاهرين

ٽائيم اسڪيل، پئرا ميڊيڪل جو سروس اسٽرڪچر، نرسنگ اسٽاف جي پروموشن سميت پيش ڪيل مطالبا فوري حل ڪيا وڃن

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو گرينڊ هيلٿ الائنس سنڌ جي صحت کاتي ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن جي گڏيل اتحاد طرفان مرحلي وار تحريڪ جي سلسلي ۾ ٻئي مرحلي ۾ پنهنجن جائز حقن جي حاصلات لاءِ اڄ 27 ڏينهن به سول اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

دادو: صحت کاتي جا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

سيوهڻ ۾ انجمن نوجوانان اهلسنت پاران سالانه عظيم الشان محفل منعقد

سيوهڻ(رپورٽر) سيوهڻ ۾ تنظيم انجمن نوجوانان اهلسنت پاران پي سالانه عظيم الشان (محفل شان قلندر نقيدالسثال) گولڊن گيٽ سيوهڻ وٽ منعقد ڪئي وئي. ڪراچي کان آيل مشهور نعت خوان ۾ الحاج محمد طاهرالقادري ۽ الحاج احسن قادري ٻهرين درگاهه شهباز قلندر جي حاضري ڀري چادر چاڙهي قوم ۽ ملڪ جي سلامتي لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

پرياسٽي ۾ غلامان قلندر پاران جشن ولادت مولا علي ع بابت شاندار ريلي

درگاهه لال قلندر جي سجاده نشين سيد زمان شاهه عبدال ۽ ٻين اڳواڻن ريلي ۾ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

حضرت علي ع جي ولادت بابت ڪيڪ ڪاٽيو ويو، محفل موسيقي جو پروگرام پڻ رکيو ويو

جشن ولادت علي عليه السلام بابت جهمريون هنيون ويون، سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) پرياسٽي ۾ غلامان قلندر پاران جشن ولادت علي عليه السلام جي سلسلي ۾ ساليانو ۽ تاريخي مهندي ڪڍي ريلي ڪڍي وئي ريلي جي اڳواڻي درگاهه لال قلندر جي سجاده نشين سيد زمان شاهه عبدال ۽ ٻين ڪئي ريلي شهر جي مختلف رستن کان ٿيندي درگاهه سيد لونگ شاهه بخاري تي پهتي جتي جڏهن ته فقير نجف الدين قلندري پاران محفل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ايم پي اي معظم خان عباسي جي ڪيس جي ٻڌڻي 10 فيبروري تائين ملتوي

پي ڊي ايم جي حڪومت اچڻ شرط سياسي انتقامي ڪاروائيون جاري آهن: ايم پي اي معظم عباسي

ڪلهوڙا چانڊيا تڪرار ۾ قتل ٿيل پوليس اهلڪار جو مٿس ڀاڳو ڏيرو ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ڊيڄارڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي پئي وڃي پر جهڪڻ وارا ناهيون: ڳالهيون

نوشهروفيروز (رپورٽ اسد علي عمراڻي) نوشهروفيروز ايم پي اي سردار معظم خان عباسي ڪورٽ جي سنوائي کانپوءِ عباسي هائوس نوشهروفيروز ۾ آمد وڏيرو محرم خان عباسي پاران چانهه پارٽي منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ايم پي اي سردار معظم خان عباسي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيئو ته اسين جهڪڻ وارن مان ناهيون اسين هر وقت غريب مظلومن جي حق جي ڳالهه ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

نوشهروفيروز: ايم پي اي معظم خان عباسي جو گڏجاڻي دوران ورتل فوٽو

ملير پرسان ايم اين اي جام عبدالڪريم جوکيو ڪاليج جي عمارت جو افتتاح ڪري ڇڏيو

ملير (رپورٽر) پيري جي الله بخش حمايتي ڳوٺ ۾ نيائين جي تعليم لاءِ ڪاليج جي عمارت جو ڪم مڪمل ايم اين اي جام عبدالڪريم جوکيو افتتاح ڪري ڇڏيو پيري واسين کي گهرجي ته اولاد کي تعليم ڏيارين خاص ڪري نيائين کي ته ضرور تعليم ڏيارڻ ۾ ڪردار ادا ڪن ڇو ته جيڪڏهن نيائي پڙهيل هوندي ته سڄو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

غوٿپور ٿاڻي جي نئين ايس ايڇ پاران مختلف هنڌ تي ڪارروايون، 20 کان وڌيڪ شڪي ماڻهو گرفتار

نئين آيل ايس ايڇ او اچڻ شرط شهر جي مختلف چوڪن تي ٺهيل هوٽلن ۽ مٿن بس اڏي تي ڳجهي اطلاع تي ڪارروايون ڪيون

ڪارروائي دوران 20 کان وڌيڪ مختلف برادرين سان واسطو رکندڙ شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪري لاڪپ حوالي ڪري ڇڏيو

گرفتار ٿيلن جي جاچ ڪري رهيا آهيون جيڪي بي ڏوهي هوندا کين رها ڪيو ويندو ۽ ڪنهن سان به ڪا رعايت نه ٿيندي: پوليس

غوٿپور(عبدالنبي ملڪ) غوٿپور ٿاڻي جي نئين آيل ايس ايڇ او ذوالفقار جتوئي ايس ايس پي ڪشمور عرفان سمون جي هدايت تي شهر جي مختلف هنڌن تي هوٽلن تي ڪاروائي ڪندي ويه کان وڌيڪ شڪي ماڻهو گرفتار ڪري لاڪپ حوالي ڪري ڇڏيا نئين آيل ايس ايڇ او اچڻ شرط شهر جي مختلف چوڪن تي ٺهيل هوٽلن ۽ مٿن بس اڏي واري علائقي ۾ روپوش ڏوهارين خلاف سرچ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

آغاسراج دراني وقتي گورنر هجڻ سبب عدالت ۾ پيش نه ٿيو

آغاسراج تي آمدني کان وڌيڪ اثاثا ناهڻ جي خلاف احتساب عدالت ۾ ريفرنس داخل

آغا سراج دراني وقتي هنن جي سبب حاضري کان ڇوٽ ڪري اڄ عدالت ۾ پيش نه ٿيو

ڪراچي (رپورٽر) احتساب عدالت ۾ آمدني کان وڌيڪ اثاثا ناهڻ واري ريفرنس ڪيس جي ٻڌڻي دوران سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر آغاسراج دراني وقتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 40

سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪمپليڪس سرشاهه سلمان روڊ تي حدخلين جي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

عدالت سرشاهه سلمان روڊ فرنيچر مارڪيٽ ۾ فوري حدخلين کي ختم ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي

عدالت جو اسٽنٽ ڪمشنر لياقت آباد، اينٽي انڪروچمينٽ سميت ٻين کي روڊ ڪلئير ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي ڪمپليڪس سرشاهه سلمان روڊ تي حدخلين جي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. عدالت سرشاهه سلمان روڊ فرنيچر مارڪيٽ ۾ فوري حدخلين کي ختم ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. عدالت جو اسٽنٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 39

شهيد عزيز ميمڻ جي پاءُ خون جو سودو ڪيو آهي: بيواهه

منهنجي مقتول مڙس جي ڪيس کي منهنجو ڏير ۽ ڪيس جو فريادي جوابدارن سان ڳالهيون ڪري فيصلو ڪري ڇڏيو آهي

شهيد غزيز ميمڻ جي خون جو سودو ڪيو آهي: پريس ڪانفرنس

محرابپور(رپورٽ مجاهد سامٽيو) ٽي سال اڳ 16 فيبروري تي محرابپور ۾ بي درديءَ سان قتل ٿيندڙ صحافي عزيز ميمڻ جي بيواهه ادي نجمه ميمڻ، سندس پٽن فائق ميمڻ ۽ فواد ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪندي سرڪار ۽ صحافي تنظيمن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٽنڊو محمد خان ۾ ڇهين ڪلاس جي شاگرديائي اسڪول ويندي گم

شاگرديائي جي گمشدگي خلاف ٿاڻي تي ڪيس داخل، وارثن پاران انصاف جي گهر

بااثر جوابدار اسان جي نياڻي کي اغوا ڪري ويا آهن، ڪيس بازياب ڪرايو وڃي: وارث

ٽنڊو محمد خان(ڊ مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي پير محلا جي رهواسي ڇهين ڪلاس جي شاگرديائي اسڪول ويندي شهر جي مک چوڪ الفتاح ڪرن چوڪ تان غائب پوليس ايف آءِ آر جي بڪسا ورتاپر ايف آءِ آر نه ڪٽي شاگرديائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٽنڊو محمد خان: گم ٿي ويل شاگرديائي جا والدين سندس بازيابي لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

پيلو ۾ ايازعلي شاهه شيرازي پاران پيٽرول پمپ جو افتتاح

فورن جاري ترقياتي اسڪيمن کي مڪمل ڪيو وڃي : ايازعلي شاهه شيرازي

ضلعي ۾ ترقياتي ڪمن جو جار وڇايو ويو آهي ڪافي اسڪيمون مڪمل ٿي چڪيون آهن

سجاول(ڊ ر) پ پ پ سينئر ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي پاران پيلو شهر لڳ مين ڏڙو پيلو روڊ تي حاجي نياز احمد عرف بادشاهه ميمڻ جي پيٽرول پمپ جو افتتاح ڪيو ويو ۽ پيلو شهر ۾ جاري ترقياتي اسڪيمن جو جائزو ورتو ان موقعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ماتلي سنڌي ادبي سنگت جي نئين باڊي جي چونڊ

صدر لاءِ ممتاز انجم آريسر سينيئر نائب صدر لاءِ سڪندر راجپوت مقرر

معشوق علي لغاري نائب صدر لاءِ امتياز آرائين ۽ ٻين کي چونڊيو ويو

ٽنڊوبالو(رپورٽر) سنڌ صحافي سنگت تعلقي ماتلي جي سال 2023 لاءِ نئين باڊي جي چونڊ منفقة راءِ سان ٿي گڏري جنهن ۾ تعلقي صدر لاءِ ممتاز انجم آريسر سينيئر نائب صدر لاءِ سڪندر علي راجپوت معشوق علي لغاري نائب صدر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪراچي ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي آرگنائيزنگ ڪاميٽي جو اجلاس

اجلاس ۾ عاشق ٿهيم مبارڪ پٽي شبير چانڊيو نصرت سومرو نادر مگسي ۽ ٻين جي شرڪت

مادروطن جي جلسي ۾ ڀرپور شرڪت ڪرائڻ عوامي رابطا مهم هلائڻ ۽ ٻين معاملن تي غور ويچار

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سنڌ ترقي پسند پارٽي ڪراچي ڊويزن جي آرگنائيزنگ ڪميٽي جو اجلاس ڊپٽي آرگنائيزر حيات ٽنيو جي صدارت هيٺ ٿيو اجلاس ۾ عاشق ٿهيم مبارڪ پٽي شبير چانڊيو نصرت سومرو نادر مگسي علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڪراچي: سنڌ ترقي پسند پارٽي آرگنائيزنگ ڪاميٽي جي اجلاس دوران اڳواڻ ويٺل آهن

سنڌ هاءِ ڪورٽ جسٽس آف پيس کي سيڪشن 22اي جي اختيارن جي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جسٽس آف پيس کي سيڪشن 22اي جي اختيارن جي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي دوران درخواستگذار مريد علي شاهه جا دليل مڪمل ٿي ويا. عدالت سنڌ حڪومت کي جواب جمع ڪرائڻ جي لاءِ ٻه هفتن جي مهلت ڏئي ڇڏي آهي. درخواستگذار جي وڪيل چيو ته سيڪشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

ڀارت جو جنگي جنون عروج تي، 5 سالن ۾ 24 ارب ڊالرن جي هٿيارن جي خريداري

ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي جي جنگي جنون جي انتها گذريل 5 سالن ۾ پنهنجي انتها تي رهي ۽ مختلف ملڪن کان 24 ارب ڊالرن جا هٿيار خريد ڪيا ويا

ريڊار، جهازن، هيلي ڪاپٽرن ۽ جنگي سامان جي خريداري لاءِ گذريل 5 سالن کان مختلف ملڪن جي مختلف ڪمپنين سان 264 معاهدا ڪيا ويا: ذريعا

ڀارتي فوج هاڻ گهٽي ڀاڳي هٿيارن جي تياري جو ڪم مقامي سطح تي شروع ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان سلسلي ۾ 50 کان وڌيڪ منصوبن تي ڪم جاري آهي

ممبئي (م ڊ) ڀارت جو جنگي جنون ختم نه ٿيو ۽ ان 5 سالن ۾ 24 ارب ڊالرن جا جنگي هٿيار خريد ڪري ورتا، پرڏيهي ميڊيا موجب ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي جي جنگي جنون جي انتها گذريل 5 سالن ۾ پنهنجي انتها تي رهي ۽ مختلف ملڪن کان 24 ارب ڊالرن جا هٿيار خريد ڪيا ويا. ڀارت جي بجاءِ بابت ڊپٽي وزير اجي ڀٽ پارليامينٽ ۾ ٻڌايو ته گذريل 5 سالن دوران آمريڪا. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

وزيراعظم سان مريم نواز جي ملاقات، شاهد خاقان سميت ناراض پارٽي اڳواڻن کي پرچائڻ جو فيصلو

وزيراعظم شهباز شريف سان ن ليگ جي چيف آرگنائيزر مريم نواز ملاقات ڪئي ۽ پارٽي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

وزيراعظم شهباز شريف ۽ مريم نواز، شاهد خاقان عباسي جا خدشا ختم ڪرڻ ۽ پارٽي جي ناراض اڳواڻن کي پرچائڻ جو فيصلو ڪيو

ملاقات ۾ شاهد خاقان عباسي جي استعيفي، ننڍي چونڊ ۽ پنجاب ڪي پي ڪي ۾ امڪاني چونڊن جي حوالي سان خيالن جي ڏي وٺ

لاهور (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف سان ن ليگ جي چيف آرگنائيزر مريم نواز ملاقات ڪئي ۽ پارٽي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ن ليگ جي پارٽي ذريعن موجب وزيراعظم شهباز شريف ۽ مريم نواز شاهد خاقان عباسي جا خدشا ختم ڪرڻ ۽ پارٽي جي ناراض اڳواڻن کي پرچائڻ جو فيصلو ڪيو. ملاقات ۾ شاهد خاقان عباسي جي استعيفي، ننڍي چونڊ ۽ پنجاب ڪي پي ڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف ۽ پاڪستان مسلم ليگ ن جي نائب صدر مريم نواز گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ جو احتجاج نظرانداز، ٻيٽن جي مالڪي ٻيهر وفاق حوالي: بل منظور

اسلام آباد (م ڊ) عمران خان جي حڪومت ۾ سنڌ صوبي اندر سامونڊي ٻيٽن تي عالمي معيار جا شهر اڏڻ جون ڪوششون سنڌ واسين جي شديد احتجاج ۽ مخالفت ڪان پوءِ ناڪام ٿيڻ بعد ڪالهه قومي اسيمبلي ۾ وفاقي حڪومت پاران پيش ڪيل پاڪستان ميري ٽائيم زونس بل 2022ع جي منظوري ڏني وئي. بل تحت سامونڊي مصنوعي ٻيٽن تي خصوصي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

سياست ڪرڻ سيني جو حق آهي پوءِ اسان تي اعتراض ڇو آهي؟ ام رباب چانڊيو

ڪيس دوران ميهڙ ۾ جلسو منعقد ڪري اسان جي شاهدن کي حراسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

خونريزي جو خدشو آهي ڪو به اڻ وڻندڙ واقعو پيش اچي سگهي ٿو. ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ٻيا نوٽيس وٺن

سردار احمد چانڊيو ميهڙ ۾ اسان جون زمينون ۽ ملڪيتون آهن، اتي اچڻ وڃڻ اسان جو حق آهي: ڳالهيون

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ام رباب چانڊيو جي ٽن گهراتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي گڏري ايس ايس پي دادو عبدالخالق پيرزادو طرفان سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا فريادي ڌر ام رباب چانڊيو ۽ پرويز چانڊيو عدالت پهتا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دادو: ام رباب چانڊيو عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

سيوهڻ ۾ ڊگري ڪاليج وارو روڊ هنڌا هنڌان اکڙي ويو روڊ هنڌان هنڌان اکڙڻ سبب رهواسين کي تڪليفون پيش اچڻ لڳيون

سيوهڻ(رپورٽر) سيوهڻ شريف جو جيڪو ٻائي پاس ڊگري ڪاليج سيوهڻ کان وٺي لال باغ تائين جيڪوانڊس هاءِ ري سڏجي ٿو ان جي حالت تمام خراب نظر اچي رهي آهي ان روڊ ۾ ڊگري ڪاليج سيوهڻ کان وٺي جهاز چونڪ ۽ لال باغ تائين روڊ هنڌان هنڌان اکڙي ويو آهي ان روڊ ۾ ڪڏا کڏا هئڻ ڪري ٽريفڪ کي اچڻ وڃڻ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪشمور جي پيپلز اسڪول ۾ ڪشميرين سان يڪجهتي طور تقريب

وئي اسڪول ۾ شاگردن پاران ڪشمير سان يڪجهتي جو اظهار طور مختلف ٽيبلوز ۽ ڪشميري نغمن سان ڪيو ويو

مهمان خاص پروجيڪٽ مئنيجر جنيد احمد عامر حسن ڪلوڙ وائس پرنسيپال اڪيڊمڪ انچارج سر اصغر علي ۽ ٻين جي شرڪت

انشاء اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن ڪشمير پاڪستان وٽ هوندو، اقوام متحده ڀارتي فورسز جي ظلمن جو نوٽيس وٺي: مقرر

ڪشمور(رپورٽ اصغر علي چانڊيو) ڪشمور پيپلز اسڪول ڪشمور ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۽ غزالي ايجوڪيشن اسڪول ٽرسٽ پاران يوم يڪجهتي ڪشمير ڏهاڙو ملهايو ويو ڪشمير بني گا پاڪستان جي فلگ شگاف نعرن سان اسڪول جو احاطو گونجڻ لڳو تفصيل موجب يوم يڪجهتي ڪشمير ڏهاڙي جي مناسبت سان ڪشمور جي سردارو لنڪ روڊ تي قائم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سرحد ۾ ميڊيا تي مسلسل خبرون شايع ٿيڻ ۽ عوامي شڪايتن تي ضلعي انتظاميه جاڳي پئي

ضلعي انتظاميه پاران صفائي عملو موڪلي شهر جي مختلف علائقن ۽ محلن مان صفائي ڪرائي وئي

يوسي سيڪريٽري ٻن يوسيز جي چارج هوندي به مهانه 10لک روپيا بجيٽ هڙپ ڪيون ويٺو آهي: شهري

ڪرپٽ يوسي سيڪريٽري دلبرمهر کي فوري طور هٽائي کين مهانا بجيٽ جي جاچ ڪئي وڃي: مطالبو

سرحد(رپورٽر غلام عباس مهر) ميڊيا تي مسلسل خبرون ڇاپ ٿيڻ ۽ عوامي شڪايتن تي ضلعي انتظاميه جاڳي پئي صفائي عملو موڪلي شهر جي مختلف علائقن ۽ محلن مان صفائي ڪرائي وئي، خبر موجب گندگي ۽ جي ور چڙهيل سرحد شهر جون مسلسل ميڊيا تي خبرون ڇاپ ٿيڻ ۽ عوامي شڪايتن تي ڊي سي گهوٽڪي عثمان عبدا نوٽس وٺي گندگي، جي ڍير ۾ تبديل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سرحد: ميونسپل عملي پاران شهر جي مختلف علائقن ۾ صفائي ڪئي پئي وڃي

خيرپور ناٿن شاهه ۾ عوامي تحريڪ پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو

خيرپور ناٿن شاهه(رپورٽر) خيرپور ناٿن شاهه ۾ عوامي تحريڪ پاران وفاقي حڪومت طرفان سنڌ جي ٻيٽن تي قبضو ڪرڻ سنڌ جون زمينون ۽ وسيلا وفاق جي حوالي ڪرڻ ڌارين جي آبادڪاري، ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي جي خلاف هٿ ۾ بينر ۽ جهنڊا کڻي ڪميونٽي سينٽر کان سٽي پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي ۽ سخت احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سجاول ۾ منشيات جي روڪٿام بابت هڪ ڏينهن جي علامتي بک هڙتال ڪئمپ قائم

ضلعي ۾ سري عام هلندڙ هيروئن، آئس، گٽڪو، مائو چرس، آفيم، سفينه ۽ ٻين برائين جي خلاف اڳواڻن پاران احتجاج ڪيو ويو

پوليس جي سرپرستي ۾ منشيات سري عام هلي رهي آهي، منشيات اسان جي پوري سماج ۾ وڪوڙجي وئي آهي: عبدالغني ملاح

اسان جا نوجوان نسل منشيات ۾ تباهه ٿي ويو آهي، ڪافي نوجوان منشيات جي ڪري ڪينسر جهڙي موضي مرض ۾ مبتلا ٿي ويا آهن

سجاول (ڊ ر) سجاول ۾ سري عام هلندڙ منشيات جي روڪ ٿا لاءِ منشيات روڪ تحريڪ سجاول پاران هڪ ڏينهن جي علامتي بک هڙتال ڪئمپ قائم ڪئي وئي، سجاول ضلعي ۾ سري عام هلندڙ هيروئن، آئس، گٽڪو، مائو، چرس، آفيم، سفينه ۽ ٻين برائين جي خلاف منشيات روڪ ٿام تحريڪ سجاول پاران منشيات روڪ ٿام تحريڪ جو سربراهه رشيد آزاد جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نوشهروفيروز ۾ بار جي وڪيلن پاران وڌندڙ مهانگائي خلاف احتجاجي مظاهرو

وڪيلن صدر اياز علي مري، شوڪت علي ٻوهيو، محمد صديق ڪلهوڙو، شڪيل جوکيو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ايم ايف جي چوڻ تي پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ واڌ ڪري عام شيون جوٽ مهانگيون ڪري ڇڏيون اٿن: مظاهرين

ماڻهو فاڪا ڪشي تي مجبور ٿي چڪو آهي، حڪومت غريبن جي ڪابه سار نه لڌي آهي، واهر ڪئي وڃي: مطالبو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڊسٽرڪٽ بار نوشهرو فيروز مهانگائي خلاف نيٽ روڊ تي نڪري آئي بار ج بار جو ڪر ڇڏي مهانگائي خلاف سيشن ڪورٽ کان پيادل مارچ ڊسٽرڪٽ بار جي صدر محمد اياز مري جنرل سيڪريٽري شوڪت حسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: بارجي وڪيلن پاران مهانگائي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

وڳڻ پرسان ڳوٺاڻن پاران ٻاڦرن جي ڏمڪين ۽ پلاٽ تي قبضي خلاف احتجاج

وڳڻ (رپورٽر) وڳڻ لڳ ڳوٺ گهنهڙ واسي جو ٻاڦرن جي ڏمڪين ۽ پلاٽ تي قبضي خلاف احتجاج ان موقعي تي پيرسن شبير احمد ٻرڙو پريس ڪانفرنس ڪندي الزام لڳائيندي چيو ته ذوالفقار پٽي ۽ ٻيا منهنجي مروثي پلاٽ تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن منهنجو پلاٽ 10 ويسا آهي جيڪو پڪو شهر پرسان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

صوفين جي ڌرتي آهي جتي امن محبت ۽ پيار ملندو آهي: ڊاڪٽر الله نواز

ڪجھ شر پسندن ماڻهن سنڌ جو امن امان کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش پيا ڪن

ٿهيم برادري جي شرپسندن زميني تڪرار تي ٻبر برادري جي ڪي قتل ڪري ظلم ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي جتي امن محبت ۽ پيار ملندو آهي پر اتي ڪجھ شر پسندن ماڻهن سنڌ جو امن امان کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش پيا ڪن ڪجھ ڏينهن اڳ ٿهيم برادري جي شرپسندن پاران ٻبر برادري تي قاتلاڻي حملي ۾ ست انساني جانيون ضائع ٿيون سرڪاري مشينري خاموش رهي افسوس آهي ڊاڪٽر الله نواز ٻبر آل پاڪستان ٻبر اتحاد بلوچ جي اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڏڙو ۽ پرپاسي ۾ بلدياتي چونڊن ۾ ڪاميابي حاصل ڪندڙ چونڊيل نمائندن جي پريس ڪلب آمد

حاجي يار محمد سومرو پينل جي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبر عبدالعزيز ڪارو سومرو، چيئرمين رياض علي سومرو ۽ ٻيا پريس ڪلب پهتا

عوام ٿيل بلدياتي اليڪشن ۾ سمورن مخالف اميدوارن کي رد ڪري آزاد اميدوارن کي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ڪيو آهي: يار محمد سومرو

بلدياتي ادارن جا انتظامي اختيار چونڊيل نمائندن ڏانهن منتقل ٿيندا ته لاکيپور ۽ خانپور جي عوام جي قسمت بدلائي ڇڏينداسين

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو لڳ ٿيل بلدياتي اليڪشن ۾ آزاد حيثيت سان پ پ سميت ٻين جماعتن کي وڏي اڪثريت سان شڪست ڏئي ٻن يونين ڪائونسلن خانپور ڏڙو ۽ لاکيپور تي ڪاميابي حاصل ڪندڙ چونڊيل نمائندن جي پريس ڪلب ڏڙو آمد، آجياڻون سڄاول ضلعي جي ٻن واحد يونين ڪائونسلن لاکيپور ۽ خانپور ڏڙو تي آزاد حيثيت ۾ اڪثريت سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

PRESS CLUB DARRO
پريس ڪلب ڏڙو
ڏڙو: پريس ڪلب ۾ چونڊيل نمائندن جي آمد اڳواڻ ڳالهائي رهيا آهن

گهوٽڪي ليبر يونيئن فيڊرڪائنال ايريا واٽر بورڊ جي عهديداران جي گڏجاڻي ٿي گذري

اوٻاڙو (رپورٽ غلام علي رند) گهوٽڪي ليبر يونيئن فيڊرڪائنال ايريا واٽر بورڊ جي عهديداران صدر محمد شريف گهوٽو جنرل سيڪريٽري شبير احمد پٽيجدوجهد ڪميٽي چيئرمين نظير احمد مهرجي اهم ميٽنگ دوران جنهن ۾ نظير احمد مهر عبدالجبار رند بشير احمد شر اعلان ڪيو جن جي اڄڻ سان ليبر يونيئن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

جهمپير پرسان سرڪاري ۽ پرائيوٽ گارڊن مقامي مالوند ماڻهن جا چراگاهه بند ڪري ڇڏيا

ڪانيون وڏي پيٽ گذر ڪندڙ پورهيتن کي ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون، ڪوهستان واسي سخت پريشان

دانهڻ باوجود ڪوبه تدارڪ نه ٿي سگهيو، ڳوٺاڻن ٻاڦرن جي زيادتين مان نجات ڏيارڻ جي گهر ڪري ڇڏي

ٿيندڙ زيادتين جو ازالو ڪرائي سنڌن چوپائي مال جا چراگاهه محفوظ بڻائي ڪين پريشاني کان بچايو وڃي: رهواسي

ٺٽو (جاويد ميمڻ) جهمپير لڳ دبئي جي عرب شهزادي جي قبضي هيٺ ڪوهستان جي 5 هزار ايڪڙ زمين جي ايراضي تي ويل سنڌس سرڪاري ۽ پرائيوٽ گارڊن مقامي مالوند ماڻهن جا چراگاهه بند ڪري ڇڏيا، ڪانيون وڏي پيٽ گذر ڪندڙ پورهيتن کي ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون، ڪوهستان واسي سخت پريشان. ٻاڦر ماڻهن جي زيادتين مان نجات ڏيارڻ جي گهر ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٺٽو پرسان قريشي فارم جي مينيجر پاران نوجوان کي مارڻ جي ڪوشش

ٻاڦر جوابدار نوجوان ناٿو پٽ نور محمد ڪيرو کي پسٽل جا فائر ڪري زخمي ڪيو

واقعي خلاف ڪيرا برادري پاران قومي شاهراه تي ڌرڻو، انصاف ڏيارڻ جي گهر

ٺٽو (جاويد ميمڻ) ٺٽو پرسان قريشي فارم جي مينيجر پاران نوجوان کي گولين هڻي مارڻ جي ڪوشش نوجوان زخمي حالت ۾ اسپتال منتقل نوجوان ناٿو پٽ نور محمد ڪيرو کي قريشي فارم جي مينيجر باقر پنجابي پسٽل جا فائر ڪري زخمي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪراچي جي اسڪول ۾ ڪشمرين سان اظهار يڪجهتي طور ٽيبلوز پيش

شاگرن ۽ شاگردياڻين ڪشمرين سان ٿيندڙ ظلم جي حوالي سان ٽيبلوز پيش ڪيا

تقريب دوران اسڪول جي شاگردن ۽ شاگردياڻين ٽيبلو ۽ تقريرون پيش ڪيون ويون

ڪراچي (رپورٽر) ڪشمرين سان اظهار يڪجهتي جي حوالي سان جوئل حسٽ گورنمنٽ بوائز ۽ گرلز اسڪول نمبر 2 ريس ڪلب ۾ شاگرد ۽ شاگرياڻين ٽيبلون پيش ڪيون ڪشمري پائرن سان اظهار يڪجهتي جي حوالي سان اسڪول جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪراچي: ڪشميرين سان يڪجهتي طور تي ٿيل پروگرام ۾ ورتل فوٽو

وارهه ۾ حضرت علي عليہ السلام جي ولادت جي شاندار تقريب

حضرت علي عليہ السلام جي ولادت جي موقعي تي ڪيڪ ڪاٽي محفل ڪرائي وئي

نياز علي چنو، غلام مصطفي بروهي، محمد اشرف ڀڳهيو ۽ ٻين مهمانن شرڪت ڪئي

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه لڳ ڳوٺ غازي خان مرڪنڊ ۾ درگاهه فقير ربنواز مرڪنڊ تي حضرت علي عليہ السلام جي ولادت جي موقعي تي ڪيڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نوشهروفيروز ۾ شاعر اعجاز ممنائي کي سماجي ۽ ادبي خدمتن آجياڻو

اعجاز ممنائي هر وقت غريب ۽ مسڪين ماروئڙن جي خدمت ۾ مصروف آهي: مقرر

سول اسپتال اندر توڙي ٻاهر مريضن توڙي مسڪينن جي واهر ڪندڙ آهي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) هيلٿ پروفيشنل پيراميڊيڪس سنڌ يونٽ سول اسپتال نوشهرو فيروز جي اڳواڻ لالا موسيٰ خان پاران سماجي اڳواڻ، بهترين شخصيت جي مالڪ ۽ غريب جي همدرد ۽ هڏوڪي، هيلٿ پروفيشنل پيراميڊيڪس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

گهارو پرسان سالن کان اسڪول جي بلڊنگ مڪمل ڇٽ ڪري پئي

هن وقت ٻوڏ متاثر جا آيل ٽينٽ لڳائي تعليم پرائي رهيا آهن: رهواسين جون دانهون

شهر جي سياسي سماجي ادبي ڪاروباري مذهبي ۽ ٻين ڌرين پاران نوٽيس وٺڻ جي گهر

گهارو (بشام جوکيو) گهارو شهر لڳ ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪالوني ۽ اس پاس جي ڳوٺاڻن جا ٻار گرلز پرائمري اسڪول پمپ هائوس ڪالوني ۾ پڙهندا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

گهارو: انتظاميه جي نااهلي سبب اسڪول زبون حال نظر اچي رهيو آهي

بدين پوليس جون مختلف هنڌن تي ڪارروايون، گاڏيون ڦر ڪندڙ گينگ جا 3 جوابدار گرفتار

اي ايس پي ماجده پروين هاليپوٽو جي سربراهي ۾ انسپيڪٽر اصغر عالم هاليپوٽو سميت ٻين اهلڪارن ڪارروائي ڪئي

پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪري چوري ڪيل موٽر سائيڪل ۽ هڪ 30 بور پسٽل ۽ 4 گولين سميت گرفتار ڪري ورتو

انسپيڪٽر مير محمد گاڏاهي چوري ٿيل رڪشا ۽ هڪ موٽر سائيڪل هٿ ڪيو، گرفتار جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين پوليس مختلف هنڌن تي ڪاروائيون ڪري گاڏيون ڦر ڪندڙ گينگ جا 3 جوابدار گرفتار ڪري سندن قبضي مان 21 چوري ٿيل موٽر سائيڪل، 1 بولان ڪيري، هڪ رڪشا هٿ ڪري ورتي تفصيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

قمبر- شهدادڪوٽ جي استادن پاران وڳڻ پريس ڪلب اڳيان احتجاج

وڳڻ (رپورٽر) وڳڻ ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي تعليم کاتي جي سئنير استادن پاران سٽي پريس ڪلب وڳڻ ٻهجي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته تعليم کاتي ۽ سنڌ سرڪار جي غلط پاليسن سبب اسان سئنير استادن کي نظر انداز ڪري اسان مٿان سيڪنڊري جونئير استادن کي عهدن ۾ ترقيون ڏئي ڪري اسان جي حقن ته ڌاڙو هنيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

بدين: پوليس جي ڪامياب ڪارروائي بعد اي ايس پي ماجده پروين هاليپوٽو ميڊيا سان ڳالهائيندي

ايل بي او ڊي بدين ضلعي جي ماڻهن لاءِ راڪاس بڻيل آهي: ايم پي اي تاج محمد ملاح

هن پراجيڪٽ کي حڪومت پاران بهتر ڪندڙ انجنيئر علائقي جي ماڻهن سان مشورو ڪرڻ کان سواءِ ڪم ڪندا ته ان منصوبي ۾ نقصان ضرور ٿيندا

پنج مهينا اڳ تباهڪن برسات جو پاڻي هاڪڙي جي وهڪرن کي بند هڻڻ روڪيو ويو، پراڻ جي وهڪري کي روشن آباد وٽان ڪٽ لڳڻ سان وڏو نقصان ٿيو آهي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ايل بي او ڊي جا علائقي تي پونداڙ اثر ۽ نقصان بابت رضاڪار تنظيم جي اڳواڻ نارائڻ داس ۽ ليلارام پاران جيم خانا بدين ۾ ٿيندڙ سيمينار کي خطاب ڪندي ايم پي اي بدين تاج محمد ملاح چيو ته ايل بي او ڊي بدين ضلعي جي ماڻهن لاءِ راڪاس بڻيل آهي . هن پراجيڪٽ کي حڪومت پاران بهتر ڪندڙ انجنيئر علائقي جي ماڻهن سان مشورو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٽنڊو محمد خان واسي سيد دلدار شاهه جي 33 ورسي تقريب، پيٽا پيش

33 ورسي جي موقعي تي سندس آخري آرام گاهه تي گلن جون چادرون چاڙهي قرآن خواني ڪئي وئي

دهشت گردن هٿان شهيد ٿيندڙ سنڌي آفيسر دلدار شاهه جو نالو اڄ به سنهري اکرن سان لکيل آهي: مقرر

33 سال گذرڻ باوجود اسانجي سنڌي شهيد آفيسر جي قاتلن جي گرفتاري عمل ۾ نه آندي وئي آهي

ٽنڊو محمد خان (ٻر مظفر علي بروهي) سنڌ ترقي پسند پارٽي ٽنڊو محمد خان پاران 3 فيبروري 1990 ۾ دهشت گردن هٿان مارجي ويل ٽنڊو محمد خان واسي سيد دلدار شاهه جي 33 ورسي جي موقعي تي سندس آخري آرام گاهه تي گلن جون چادرون چاڙهي قرآن خواني ڪئي وئي ان موقعي تي ورسي تقريب کي خطاب ڪندي ترقي پسند پارٽي جي مرڪزي اڳواڻن نثار ڪيريو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

بدين ۽ پرپاسي ۾ بدامني جو آزار وڌي ويو، موٽرسائيڪل چوري

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ چورين جو آزار ڪالهه چور بدين جي بيڪري جي اڳيان بيٺل منور پٺاڻ جي سي ڊي موٽر سائيڪل چوري ڪري کڻي ويا جڏهن ته هڪ ڏينهن اڳ قومي ڪارڪن ۽ انقلابي شاعر مير بليدي جي موٽر سائيڪل پڻ کاهي ويا جنهن جي اين سي بدين ماڊل ٿاڻي تي داخل ڪئي وئي آهي شهرين چوري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڊو محمد خان: سيد دلدار شاهه جي ورسي تقريب سندس مزار تي پارٽي جو جهنڊو ۽ گل چاڙهيا پيا وڃن

بدين ۾ گئس جي هٽرادو لوڊشيڊنگ سبب شهري پريشان، عورتن جو احتجاج

گذريل ٻن مهينن کان گئس انتظاميا پاران گيس جي هٽرادو لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي: عورتون

هٽرادو گئس جو پريشر گهٽايو ويندو آهي جنهن سبب شهرين کي مشڪلاتون پيش اچن ٿيون

لوڊشيڊنگ سبب اسڪولي شاگرد معصوم ٻارڙا بغير ناشتي جي اسڪول وڃن ٿا

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين ۾ گهريلو گئس جي هٽرادو لوڊشيڊنگ جاري آهي شهرين صحافين کي ٻڌايو ته گذريل ٻن مهينن کان گئس انتظاميا پاران گيس جي هٽرادو لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي هٽرادو گئس جو پريشر گهٽايو ويندو آهي جنهن سبب شهرين کي مشڪلاتون پيش اچن ٿيون. شهر اندر 4 کان 6 ڪلاڪ گئس جي هٽرادو لوڊشيڊنگ سبب شهرين خاص طور عورتن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

#KashmirSolidarityDay
#PakistanStandswithKashmir
يوم يکجہتی کشمیر
5 فروری
/GovtofPakistan
/GovernmentofPakistan
www.moib.gov.pk
وزارت اطلاعات و نشریات
حکومت پاکستان
PID(I)4852-D/22
JUSTICE FOR RETURN BODIES

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي*** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
آچر 05 فيبروري 2023ع

ملڪي مسئلا گڏيل حڪمت عملي جا گهرجائو

انهي ڳالهه تي سڀ متفق آهن ته ملڪ جن حالتن مان گذري رهيو آهي انهن کي منهن ڏيڻ ڪنهن هڪ پارٽي جي وس جي ڳالهه ناهي. جڏهن ته سڀني ادارن کي به آئيني حدن ۾ رهي پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو تڏهن وڃي هن ڏکين حالتن مان ملڪ کي ڪڍڻ جو ڪو رستو نڪري سگهندو. هڪ طرف معاشي بحران ملڪ کي منجهائي ويٺو آهي ته ٻئي طرف سياسي تقسيم ۽ عدم استحڪام ان کي وڌائڻ جو سبب بڻجي رهيو آهي مٿان وري دهشتگردي جي وڌندڙ وارداتن سڄي ملڪ ۾ هڪ خوف پکيڙي ڇڏيو آهي ته خبر ناهي ته ايندڙ ڏينهن ۾ ڇا ٿيڻ وارو آهي يا انهن حالتن کي ڪيئن منهن ڏبو. جڏهن به حالتون اهڙيون ٿي وڃن جو سمجهجي ته ڪنهن هڪ ڌر جي سنڀالڻ جهڙيون ناهن ته اتي گڏيل حڪمت عملي سان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪبي آهي ۽ جمهوريت ۾ گڏيل راءِ يا فيصلي لاءِ پارليامينٽ کان بهتر ڪو هنڌ نه هوندو آهي. پر بدقسمتي آهي جو اسان جي ملڪ ۾ سياسي پارٽيون ان پارليامينٽ کي اهميت ڏيڻ بدران آرڊيننس ذريعي ئي ڪم هلائڻ کي ترجيح ڏينديون رهيون آهن جنهن جو وڏو مثال گذريل حڪومت هئي جنهن ۾ هر روز آرڊيننس جاري ٿيندا هئا. هن وقت جڏهن اها پارٽي حڪومت ۾ ناهي ته وري انهي اسيمبلي مان ئي استعيفيٰ ڏئي ڇڏي آهي جنهن ذريعي هو چار سالن تائين هن ملڪ تي حڪومت ڪندي رهي.

اڳوڻي حڪومت کي جڏهن بي اعتمادي جي رٽ ذريعي هٽايو ويو ته سڀني کان ڀلو طريقو اهو هو ته انهي پارليامينٽ اندر ئي اهي مسئلا ۽ معاملا بحث هيٺ آندا وڃن ها جيڪي اسان جي نظام جي ڪمزوري جو سبب بڻيل هئا يا بڻجي رهيا آهن پر حڪومت ختم ٿيڻ ڪانپوءِ انهي پارٽي اسيمبلين ۾ ويهڻ کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو ۽ استعيفائن جو اعلان ڪيو ۽ نين چونڊن جو مطالبو ڪيو جنهن ڪري ملڪ ۾ سياسي عدم استحڪام پيدا ٿيو ۽ آئيني بحران جو هر وقت خطرو رهيو. انهي ڪانپوءِ ملڪ جا معاشي مسئلا سامهون آيا تڏهن به سياسي ڌريون گڏجي ويهڻ تي راضيون نه ٿيون. هن وقت وري دهشتگردي ٻيهر ڪر کڻي رهي آهي ۽ ملڪ جي هڪ وڏي سياسي پارٽي اسيمبلين مان ٻاهر آهي ۽ حڪومت سان ڳالهائڻ لاءِ تيار ناهي. ملڪ کي جيڪي چئلينجز آهن انهن کي ڏسندي وزيراعظم آل پارٽيز ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو اعلان ڪيو آهي. ۽ ان لاءِ پي ٽي آءِ سميت سڀني سياسي ڌرين سان رابطو ڪيو ويو آهي جيڪا موجوده حالتن ۾ هڪ بهتر وات آهي. پر اصل مسئلو هڪٻئي خلاف بدگماني آهي جنهن جو اظهار پي ٽي آءِ اڳواڻن اهو چئي ڪيو آهي ته اسان جي اڳواڻن تي ڪوڙا ڪيس ڪيا پيا وڃن اسان انهن سان ڪيئن گڏ ويهي سگهون ٿا. اهو ڪو پهريون ڀيرو نه هوندو جو ڪا پارٽي پنهنجي اڳواڻن تي ڪيس هئڻ باوجود ملڪ آڏو آيل چئلينجن کي حل ڪرڻ ۾ پنهنجو حصو ڳنڍڻ لاءِ اهڙي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿئي. ماضي ۾ ڪوڙ اهڙا مثال ملي سگهن ٿا ته جڏهن ملڪ جا مفاد داءَ تي لڳل هجن ته سياسي ڌريون پنهنجا اختلاف پاسيرا رکي هڪ ٽيبل تي ويٺيون هونديون آهن ٿي سياسي ڌرين جو ڪردار هوندو آهي .ايئن ٿي وري حڪومت جي به ذميواري هوندي آهي ته پنهنجي مخالفن کي انتقام جو نشانو بڻائڻ بدران قانوني وات وٺي هلي ۽ انهي سياسي ڌر جا خدشا يا بدگمانيون ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري.

اسان سمجهون ٿا ته جيڪڏهن اڄوڪي مخالف ڌر پارليامينٽ ۾ موجود هجي ها ته ملڪي مسئلن تي اتي گڏيل راءِ جوڙڻ لاءِ انهي کان وڌيڪ ڪو بهتر پليٽ فارم نه هجي ها ڇاڪاڻ ته اتي سڄي ملڪ جي نمائندگي هجي ٿي پر جيڪڏهن اتي مخالف ڌر موجود ناهي ته وزيراعظم طرفان آل پارٽيز ڪانفرنس گهرائڻ جو اعلان ۽ انهي ۾ سڀني سياسي ڌرين کي شرڪت جي دعوت بهتر عمل آهي جنهن جي سڀني ڌرين کي مثبت موٽ ڏيڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته اهو رڳو حڪومت جو مسئلو ناهي پر ملڪ جو مسئلو آهي جنهن کي حل ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي. گڏيل ڪوششن ڪانسواءِ ملڪ کي موجوده حالتن مان ڪڍڻ وڌيڪ ڏکيو ٿي پوندو. باقي سياسي مسئلن تي اختلاف .جهيڙا جهٽا ۽ احتجاج پيا هلندا انهن کي ملڪي چئلينجز کي حل ڪرڻ لاءِ پنهنجو حصو ڳنڍڻ ۾ رڪاوٽ نه بڻائڻ گهرجي.

ڀارتي قابض فوج هٿان حراست دوران ذهني معذور تبرڪ حسين جو قتل

نوشين رضوان

والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ ڀارت طرفان غير قانوني قبضي ۾ ڀارتي فوج آزاد جمون ۽ ڪشمير جي علائقي ڪوٽلي مان ذهني معذور تبرڪ حسين کي حراست ۾ وٺي شهيد ڪري ڇڏيو آهي. ڀارت پاڪستان کي بدنام ڪرڻ لاءِ ذهني معذور تبرڪ حسين کي دهشتگرد طور پيش ڪري رهيو آهي. تبرڪ حسين تازو ئي اڻڄاڻائيءَ ۾ لائين آف ڪنٽرول پار ڪيو هو ۽ ڀارتي فوجين ڪيس گولين هڻي زخمي ڪري گرفتار ڪيو هو. ڀارتي فوج ڪشميرين کي لائن آف ڪنٽرول جي ويجهو آڻي جعلي مقابلن ۾ شهيد ڪري رهي آهي. ڀارتي فوجين تبرڪ حسين کي گرفتار ڪري پاڪستاني دهشتگرد قرار ڏئي ڇڏيو. هندستاني حڪومت کي خبر هئي ته جيڪڏهن هوان کي دنيا آڏو آڻيندا ته سندس غلط پروپيگنڊا بي نقاب ٿي ويندا. ان ڪري کين حراست ۾ وٺي شهيد ڪيو ويو. قابض ڀارتي فورسز آزاد ڪشمير جي ذهني معذور قيدي تبرڪ حسين کي حراست دوران شهيد ڪري ڇڏيو. حريت اڳواڻ عبدالحميد لون جو چوڻ آهي ته ذهني مريض تبرڪ حسين غلطي سان جنگبندي لائن پار ڪئي. تبرڪ 6 سال اڳ به سرحد پار ڪئي هئي ۽ 28 سيپٽمبر 2017 تي سرحد ذريعي واپس آيو هو. تبرڪ حسين ذهني مريض هو ۽ بيماري سبب لائن آف ڪنٽرول پرسان پنهنجي گهر ۾ نظربند هو. تبرڪ حسين جي گهرواري ڪيس اڪثر سرحد ڏانهن وڃڻ جي خوف کان پاڻ وٽ رکيو. ذهني مريض تبرڪ حسين کي ڀارتي فورسز ۽ ايجنسين تشدد جو نشانو بڻايو. ڀارتي ميڊيا ۾ تبرڪ حسين کي پاڪستاني حملي آور طور پيش ڪيو ويو. هن هڪ ذهني مريض کان زبردستي وصيت جو اظهار ڪري پاڪستان ۽ ڪشمير جي مسئلي کي بدنام ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي. تبرڪ حسين جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ بعد ڀارت ذلت کان بچڻ لاءِ حراست دوران ذهني معذور کي شهيد ڪري ڇڏيو. اهڙي ريت ڀارتي حڪومت انساني حقن جي محافظن کي منظم طريقي سان ايذاءُ، بدسلوڪي ۽ تشدد ڪري رهي آهي. ڪشميري انساني حقن جي ڪارڪن خرم پرويز کي هڪ سال لاءِ گرفتار ڪيو ويو آهي. 22 نومبر 2021 تي ڀارت جي دهشتگردي جي خاتمي واري اداري نيشنل انويسٽيگيشن ايجنسي خرم پرويز جي گهر تي ڇاپو هنيو ۽ هو اٽڪل 14 ڪلاڪ سندس قبضي ۾ رهيو. حيرت جي ڳالهه اها آهي ته خرم کي هڪ سال کان وڌيڪ وقت گذري چڪو آهي ۽ هو هن وقت روهني جيل ڪامپليڪس ۾ نظربند آهي. سيڪشن D43 (b)(2) تحت جيڪڏهن ڏوهه ثابت ٿيو ته کيس 14 سال قيد يا موت جي سزا ملي سگهي ٿي. خرم پرويز کي ٽائم ميگزين جي 100 غير معمولي ماڻهن ۾ شامل ڪيو ويو آهي. بين الاقوامي ميڊيا پاران شايع ٿيل تصويرن کي ڪيترائي ايوارڊ مليا آهن ۽ 2022 ۾ انساني حقن جي هڪ درجن تنظيمن سميت گڏيل قومن جي ماهرن، اقليتي حقن جي گروپ سندن فوري آزادي جو مطالبو ڪيو آهي. 11 نومبر 2022 تي پنهنجي بيان ۾ گڏيل قومن جي ماهرن چيو ته پرويز جي گرفتاري جو ڪيس. يو اي پي اي تحت ڏکهي نظربندي جو سول سوسائٽي تي اثر پيو. پرويز جهڙا ماڻهو گڏيل قومن جي انساني حقن جي ادارن ۽ ميڪانيزم سان انساني حقن جي ڀڃڪڙين تي معلومات ۽ شاهديون شيئر ڪندا آهن. پاڪستان والاريل جمون ۽ ڪشمير جي علائقي راجوري ۾ ڀارتي فوجي اسپتال ۾ پاڪستاني شهري تبرڪ حسين جي ماورائي عدالت قتل تي ڀارتي پرڏيهي وزير کي طلب ڪري سخت احتجاج رڪارڊ ڪرايو آهي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته پاڪستاني شهري تبرڪ حسين جيڪو ذهني طور معذور آهي، 21 آگسٽ تي اڻڄاڻايل سرحد پار ڪري ويو هو. تبرڪ حسين کي ڀارتي قابض سيڪيورٽي فورسز بيدردي سان شهيد ڪيو. پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته پاڪستان تبرڪ حسين جي دل جو دورو پوڻ سبب موت جي ڀارتي دعويٰ کي مڪمل طور رد ڪري ٿو. ڀارتي عملدارن اهو به غلط بيان ڏنو ته تبرڪ حسين کي پاڪستاني فوج موڪليو هو. تبرڪ جي خراب ذهني صحت سبب هندستاني دعوائن جو ڪو به بنياد ناهي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته تبرڪ حسين 2016ع ۾ به اڻڄاڻائيءَ سان سرحد پار ڪئي هئي. 26 مهينا قيد ڪاٽي. پوءِ واپس پاڪستان موڪليو ويو. ان واقعي ڀارتي حراست ۾ ٻين پاڪستانين جي حفاظت، سلامتي ۽ ڀلائي لاءِ پاڪستانين جا خدشا وڌيڪ وڌائي ڇڏيا آهن. پاڪستاني قيدي محمد علي حسين کي به ڀارتي اختيارين بيدردي سان قتل ڪيو هو. تبرڪ حسين جي موت جو ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ پوسٽ مارٽم رپورٽ پڻ ڏني وڃي. پاڪستاني قيدي جي قتل جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن کي سزا ڏني وڃي. تبرڪ جي وارثن جي خواهش موجب مقتول جو لاش جلد گهر پهچايو وڃي*

والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ ڀارت طرفان غير قانوني قبضي ۾ ڀارتي فوج آزاد جمون ۽ ڪشمير جي علائقي ڪوٽلي مان ذهني معذور تبرڪ حسين کي حراست ۾ وٺي شهيد ڪري ڇڏيو آهي. ڀارت پاڪستان کي بدنام ڪرڻ لاءِ ذهني معذور تبرڪ حسين کي دهشتگرد طور پيش ڪري رهيو آهي. تبرڪ حسين تازو ئي اڻڄاڻائيءَ ۾ لائين آف ڪنٽرول پار ڪيو هو ۽ ڀارتي فوجين ڪيس گولين هڻي زخمي ڪري گرفتار ڪيو هو. ڀارتي فوج ڪشميرين کي لائن آف ڪنٽرول جي ويجهو آڻي جعلي مقابلن ۾ شهيد ڪري رهي آهي. ڀارتي فوجين تبرڪ حسين کي گرفتار ڪري پاڪستاني دهشتگرد قرار ڏئي ڇڏيو. هندستاني حڪومت کي خبر هئي ته جيڪڏهن هوان کي دنيا آڏو آڻيندا ته سندس غلط پروپيگنڊا بي نقاب ٿي ويندا. ان ڪري کين حراست ۾ وٺي شهيد ڪيو ويو. قابض ڀارتي فورسز آزاد ڪشمير جي ذهني معذور قيدي تبرڪ حسين کي حراست دوران شهيد ڪري ڇڏيو. حريت اڳواڻ عبدالحميد لون جو چوڻ آهي ته ذهني مريض تبرڪ حسين غلطي سان جنگبندي لائن پار ڪئي. تبرڪ 6 سال اڳ به سرحد پار ڪئي هئي ۽ 28 سيپٽمبر 2017 تي سرحد ذريعي واپس آيو هو. تبرڪ حسين ذهني مريض هو ۽ بيماري سبب لائن آف ڪنٽرول پرسان پنهنجي گهر ۾ نظربند هو. تبرڪ حسين جي گهرواري ڪيس اڪثر سرحد ڏانهن وڃڻ جي خوف کان پاڻ وٽ رکيو. ذهني مريض تبرڪ حسين کي ڀارتي فورسز ۽ ايجنسين تشدد جو نشانو بڻايو. ڀارتي ميڊيا ۾ تبرڪ حسين کي پاڪستاني حملي آور طور پيش ڪيو ويو. هن هڪ ذهني مريض کان زبردستي وصيت جو اظهار ڪري پاڪستان ۽ ڪشمير جي مسئلي کي بدنام ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي. تبرڪ حسين جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ بعد ڀارت ذلت کان بچڻ لاءِ حراست دوران ذهني معذور کي شهيد ڪري ڇڏيو. اهڙي ريت ڀارتي حڪومت انساني حقن جي محافظن کي منظم طريقي سان ايذاءُ، بدسلوڪي ۽ تشدد ڪري رهي آهي. ڪشميري انساني حقن جي ڪارڪن خرم پرويز کي هڪ سال لاءِ گرفتار ڪيو ويو آهي. 22 نومبر 2021 تي ڀارت جي دهشتگردي جي خاتمي واري اداري نيشنل انويسٽيگيشن ايجنسي خرم پرويز جي گهر تي ڇاپو هنيو ۽ هو اٽڪل 14 ڪلاڪ سندس قبضي ۾ رهيو. حيرت جي ڳالهه اها آهي ته خرم کي هڪ سال کان وڌيڪ وقت گذري چڪو آهي ۽ هو هن وقت روهني جيل ڪامپليڪس ۾ نظربند آهي. سيڪشن D43 (b)(2) تحت جيڪڏهن ڏوهه ثابت ٿيو ته کيس 14 سال قيد يا موت جي سزا ملي سگهي ٿي. خرم پرويز کي ٽائم ميگزين جي 100 غير معمولي ماڻهن ۾ شامل ڪيو ويو آهي. بين الاقوامي ميڊيا پاران شايع ٿيل تصويرن کي ڪيترائي ايوارڊ مليا آهن ۽ 2022 ۾ انساني حقن جي هڪ درجن تنظيمن سميت گڏيل قومن جي ماهرن، اقليتي حقن جي گروپ سندن فوري آزادي جو مطالبو ڪيو آهي. 11 نومبر 2022 تي پنهنجي بيان ۾ گڏيل قومن جي ماهرن چيو ته پرويز جي گرفتاري جو ڪيس. يو اي پي اي تحت ڏکهي نظربندي جو سول سوسائٽي تي اثر پيو. پرويز جهڙا ماڻهو گڏيل قومن جي انساني حقن جي ادارن ۽ ميڪانيزم سان انساني حقن جي ڀڃڪڙين تي معلومات ۽ شاهديون شيئر ڪندا آهن. پاڪستان والاريل جمون ۽ ڪشمير جي علائقي راجوري ۾ ڀارتي فوجي اسپتال ۾ پاڪستاني شهري تبرڪ حسين جي ماورائي عدالت قتل تي ڀارتي پرڏيهي وزير کي طلب ڪري سخت احتجاج رڪارڊ ڪرايو آهي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته پاڪستاني شهري تبرڪ حسين جيڪو ذهني طور معذور آهي، 21 آگسٽ تي اڻڄاڻايل سرحد پار ڪري ويو هو. تبرڪ حسين کي ڀارتي قابض سيڪيورٽي فورسز بيدردي سان شهيد ڪيو. پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته پاڪستان تبرڪ حسين جي دل جو دورو پوڻ سبب موت جي ڀارتي دعويٰ کي مڪمل طور رد ڪري ٿو. ڀارتي عملدارن اهو به غلط بيان ڏنو ته تبرڪ حسين کي پاڪستاني فوج موڪليو هو. تبرڪ جي خراب ذهني صحت سبب هندستاني دعوائن جو ڪو به بنياد ناهي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته تبرڪ حسين 2016ع ۾ به اڻڄاڻائيءَ سان سرحد پار ڪئي هئي. 26 مهينا قيد ڪاٽي. پوءِ واپس پاڪستان موڪليو ويو. ان واقعي ڀارتي حراست ۾ ٻين پاڪستانين جي حفاظت، سلامتي ۽ ڀلائي لاءِ پاڪستانين جا خدشا وڌيڪ وڌائي ڇڏيا آهن. پاڪستاني قيدي محمد علي حسين کي به ڀارتي اختيارين بيدردي سان قتل ڪيو هو. تبرڪ حسين جي موت جو ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ پوسٽ مارٽم رپورٽ پڻ ڏني وڃي. پاڪستاني قيدي جي قتل جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن کي سزا ڏني وڃي. تبرڪ جي وارثن جي خواهش موجب مقتول جو لاش جلد گهر پهچايو وڃي*

پُڇ پَتنگن کي، سَندِيُون ڪامَڻَ خَبَرون؛
آڻيو وِجهن آڳِ ۾، جِيءُ پَنهنجو جي؛
جيري جنِين جي، لڳا نيزا نِينهن جا!

هيومن رائٽس ، خرم پرويز ۽ بي جي پي

ڪوثر لوڌي

ڀارت جي دهشتگردي جي خاتمي واري اداري هڪ ڀيرو ٻيهر ڪشميري انساني حقن جي ڪارڪن خرم پرويز کي گرفتار ڪري پنهنجي ڪاري قانون تحت نظربند ڪري ڇڏيو آهي. ان لاءِ قانون تحت ضمانت حاصل ڪرڻ تمام ڏکيو آهي. خرم پرويز هندستان جي حڪمران جماعت ڀارتيه جنتا پارٽي جي ناقدن ۾ شامل آهي. جمون ۽ ڪشمير ڪوئليشن اينڊ سول سوسائٽي ڪشمير ۾ سيڪيورٽي فورسز پاران انساني حقن جي ڀڃڪڙين بابت ڪيترين ئي رپورٽون شايع ڪري چڪو آهي. هو ڪشمير ۽ ايشيا ۾ جبري گمشدگين بابت هڪ تنظيم جو سربراهه پڻ آهي. خرم پرويز جي آفيس ۽ رهائشگاهه تي ڇاپو هنيو ۽ مٿس دهشتگردن جي مالي مدد ۽ سازش ۾ حصو وٺڻ جو الزام هنيو. جڏهن ته خرم پرويز جي طرف کان ڪو به بيان سامهون ناهي آيو ۽ نه ئي ڪو ردعمل سامهون آيو آهي. عالمي سطح تي هر فورم تي سندس آزاديءَ جا مطالبا ڪيا پيا وڃن. 2016 ۾ اختيارين کيس تڪراري پبلڪ سيفٽي ايڪٽ تحت گرفتار ڪيو جڏهن کيس سوئٽزرلينڊ ۾ منعقد گڏيل قومن جي انساني حقن واري ڪائونسل جي اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ جي اجازت نه ڏني وئي. ان ڪري 22 نومبر 2022ع تي گرفتار ٿيل خرم پرويز لاءِ ڪشمير ميڊيا سروس جي انساني حقن جي ڪارڪنن جي صورتحال تي گڏيل قومن جي خاص نمائندي هڪ ٽوئيٽ ۾ چيو ته ڪيس ڪشمير ۾ خرم پرويز جي گرفتاري جي ڏکوئيندڙ خبر ملي آهي ۽ انتظاميه طرفان دهشتگرديءَ سان لاڳاپيل ڏوهن جا الزام لڳڻ جو خطرو آهي. گڏيل قومن جي خاص نمائندي واضح ڪيو ته خرم پرويز دهشتگرد نه پر انساني حقن جو علمبردار آهي. ان حوالي سان هيومن رائيٽس واچ جي سائوٿ ايشيا ڪوآرڊينيٽر ميناڪشي گنگولي جو چوڻ هو ته خرم پرويز جي گرفتاري دراصل ڏکوئيندڙ عمل آهي. هن افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته قابض ڀارتي انتظاميا انهن ماڻهن کي مسلسل نشانو بڻائي رهي آهي جيڪي بنيادي انساني حقن جهڙوڪ تشدد ۽ ماوراءِ عدالت قتل جي روڪٿام لاءِ يو اي پي اي جي ڪاري قانون ذريعي آواز بلند ڪن ٿا. عالمي سطح تي انساني حقن جي تحفظ لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيم رائٽر فائونڊيشن هڪ بيان ۾ ڀارت کان مطالبو ڪيو آهي ته خرم پرويز کي فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي . فائونڊيشن افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته ڀارتي حڪومت پنهنجي ملڪ جي آئين ۽ عالمي معاهدن ۾ درج ماڻهن جي تحفظ لاءِ ڪم ڪندڙ ڪشميرين کي حراسان ڪري رهي آهي. ڀارت جي سياسي ڪارڪن يوگيندرا ياديو چيو آهي ته شرم جي ڳالهه آهي ته سڄي زندگي انساني حقن جو تحفظ ڪندڙ خرم پرويز تي هاڻي دهشتگردي جا الزام لڳايا پيا وڃن. سرينگر ۾ آل پارٽي حريت ڪانفرنس جي چيئرمين مير واعظ عمر فاروق جي سربراهي ۾ حريت فورم ۽ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسي ايشن پنهنجن الڳ الڳ بيانن ۾ مودي حڪومت جي طرفان خرم پرويز جهڙي انساني حقن جي ڪارڪنن کي قيد ۾ رکڻ جي سخت مذمت ڪئي آهي. حريت ڪانفرنس جي ترجمان افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته ڀارت والاريل ڪشمير ۾ حق خودارادیت جي پرزور مطالبي کي دٻائڻ لاءِ ڪارو قانون اين آءِ اي کي عمل ۾ آندو آهي. ميرواعظ فورم انساني حقن جي عالمي تنظيمن تي زور ڏنو آهي ته ڀارت والاريل ڪشمير ۾ وڏي پيماني تي گرفتاريون بند ڪري. بار ايسوسيئيشن چيو آهي ته خرم پرويز جي گرفتاري جو مقصد جمون ۽ ڪشمير جي مظلوم عوام جي آواز کي دٻائڻ آهي. ٻين حريت اڳواڻن، تنظيمن، عبدالاحد، ڊاڪٽر مصعب احمد، ڪشمير فريڊم فرنٽ، جمون ۽ ڪشمير پيپلز فريڊم ليگ، خرم پرويز جي گرفتاري ۽ والاريل ڪشمير ۾ ڀارتي فورسز پاران انساني حقن جي سنگين ڀڃڪڙين جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي. ڪشمير ڪائونسل يورپ ۽ ليگل فورم فار ڪشمير پڻ خرم پرويز جي گرفتاري جي مذمت ڪئي آهي. آل پارٽيز حريت ڪانفرنس جي اڳواڻ ياسمين راجا شهيد ڊاڪٽر مدثر گل جي خاندان سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ لاءِ سرينگر جي علائقي بدگام پهتي. ان موقعي تي نيشنل ڪانفرنس جي صدر فاروق عبدالله جمون ۽ ڪشمير ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڌمڪيون نه هلنديون. بي جي پي هندستان ۾ مسلمانن سان ۽ والاريل ڪشمير جي مسلمانن سان ظلم ڪري رهي آهي پر ڀارت کي سمجهڻ گهرجي ته هڪ خرم پرويز جي گرفتاري سان هو سوشل ميڊيا ۽ دنيا جي ٻين انساني حقن جي تنظيمن جو آواز ڪڏهن به خاموش نه ڪري سگهندو. اهڙي طرح هڪ ڏينهن هندستان اڪيلو ٿيندو ۽ سڄي دنيا جو اعتماد وڃائي ويهندو*

5
فروری
یومِ یکجہتی کشمیر
#KashmirSolidarityDay
#PakistanStandswithKashmir

ڈاکٹر عارف علوی
صدر اسلامی جمہوریہ پاکستان

آج ہم کشمیری عوام کے ناقابل تنسیخ حق خود ارادیت کے حصول کیلئے ان کی جائز اور منصفانہ جد و جہد کیلئے پاکستان کی غیر متزلزل حمایت کے اظہار میں یوم یکجہتی کشمیر منارہے ہیں۔ اس موقع پر ہم بھارتی قبضے کے خلاف کشمیری بھائیوں اور بہنوں کی دہائیوں پرانی مزاحمت میں بے لوث قربانیوں کو زبر دست خراج تحسین پیش کرتے ہیں۔ ہم یہ دن عالمی برادری کی توجہ اقوام متحدہ کی سلامتی کونسل کی متعلقہ قراردادوں کی طرف مبذول کرانے کے لیے مناتے ہیں جن میں یہ کہا گیا تھا کہ جموں و کشمیر کے تنازعے کا حتمی فیصلہ عوام کی مرضی کے مطابق اقوام متحدہ کے زیر اہتمام آزادانہ اور غیر جانبدارانہ استصواب رائے کے جمہوری طریقے سے کیا جائے گا۔ گزشتہ 75 سالوں سے بھارتی قابض افواج نے غیر قانونی طور پر بھارتی زیر قبضہ جموں وکشمیر میں دہشت گردی کا راج مسلط کیا ہوا ہے اور لوگوں کو ڈرانے اور دبانے کی لامتناہی مہم شروع کر رکھی ہے۔ 9لاکھ سے زائد بھارتی مسلح اہلکاروں کی موجودگی نے خطے کو ایک کھلی جیل بنا رکھا ہے۔ ہندوستان کے مقبوضہ جموں و کشمیر میں 5 اگست 2019ء کے غیر قانونی اور یکطرفہ اقدامات بین الا قوامی قوانین، بشمول اقوام متحدہ کے چارٹر، چوتھے جنیوا کنونشن، اور اقوام متحدہ کی سلامتی کونسل کی متعلقہ قراردادوں، کی ایک کھلم کھلا خلاف ورزی تھے۔ بھارت آبادیاتی ڈھانچے میں مصنوعی تبدیلیوں، سیاسی انجینئر نگ ، مقامی لوگوں کی معاشی پسماندگی اور کشمیری شناخت اور ثقافت پر حملوں کے ذریعے ان غیر قانونی اقدامات کو مزید تقویت دینے کی مسلسل کوششیں کر رہا ہے۔ یہ تشویشناک امر ہے کہ بھارت غیر کشمیریوں کو وادی میں آباد کر کے مقبوضہ جموں و کشمیر میں آبادیاتی تبدیلیاں کر رہا ہے۔ بھارت کا ظالمانہ رویہ مقبوضہ جموں و کشمیر میں ماورائے عدالت قتل، من مانی حراستوں، دوران حراست تشدد، جبری گمشدگیوں اور پیلٹ گن کے استعمال سے ظاہر ہوتا ہے۔ بھارت نے میڈیا پر قدغن لگا رکھی ہے اور کشمیری قیادت اور انسانی حقوق کے محافظوں کو قید کر رکھا ہے۔ انسانی حقوق کی متعدد تنظیموں اور بین الا قوامی میڈیا نے بھی اس ظلم اور بربریت کو اچھی طرح سے دستاویزی صورت دی ہے۔ آج کے دن ، پاکستان ہندوستان سے مطالبہ کرتا ہے کہ وہ اقوام متحدہ اور او آئی سی کے مبصرین، بین الاقوامی میڈیا اور انسانی حقوق کی تنظیموں کو غیر قانونی طور پر بھارتی زیر قبضہ جموں و کشمیر تک بلا روک ٹوک رسائی دے تاکہ وہ وہاں کی صور تحال کے بارے میں درست معلومات حاصل کر سکیں، اور انسانی حقوق کی خلاف ورزیوں کی تحقیقات اور انہیں رپورٹ کر سکیں۔ پاکستان عالمی برادری اور تنظیموں پر بھی زور دیتا ہے کہ وہ مقبوضہ جموں وکشمیر میں انسانی حقوق کی سنگین اور وسیع پیمانے پر خلاف ورزیوں پر بھارت کو جوابدہ ٹھہرانے کیلئے عملی اقدامات کریں۔ پاکستان نے مسلسل اس بات پر زور دیا ہے کہ جموں و کشمیر تنازعہ کا پائیدار حل اقوام متحدہ کی سلامتی کونسل کی متعلقہ قرار دادوں اور کشمیری عوام کی خواہشات کے مطابق ہی ممکن ہے۔ پاکستان اس جائز مقصد کیلئے اپنی بلا امتیاز اخلاقی، سفارتی اور سیاسی حمایت جاری رکھے گا۔

محمد شہباز شریف
وزیراعظم اسلامی جمہوریہ پاکستان

ہر سال پانچ فروری کو پاکستانی عوام اپنے کشمیری بھائیوں اور بہنوں کے ساتھ یکجہتی کا اعادہ کرتے ہیں۔ اس یوم یکجہتی کشمیر پر، ہم حق خودارادیت کے لیے کشمیریوں کی جدوجہد میں ان کے ساتھ اپنی غیر متزلزل حمایت کے عزم کی تجدید کرتے ہیں۔ جموں و کشمیر کا تنازعہ اقوام متحدہ کے ایجنڈے پر سب سے پرانے حل طلب مسائل میں سے ایک ہے۔ گزشتہ 75 سالوں میں بھارت نے جموں و کشمیر پر اپنا ناجائز قبضہ جاری رکھا ہوا ہے اور یہاں کے عوام کے حقوق پامال کر رکھے ہیں۔ ہزاروں کشمیری بھارتی قابض افواج کے ہاتھوں اپنی جانوں کا نذرانہ پیش کر چکے ہیں اور ان گنت مظالم کا شکار ہیں۔ بھارت کے 5 اگست 2019 کے غیر قانونی اور یکطرفہ اقدامات کے بعد پہلے سے خراب صورتحال نے بدترین رخ اختیار کر لیا۔ ان غیر قانونی اور یکطرفہ اقدامات کو پاکستان اور کشمیریوں نے مسترد کر دیا ہے۔ بھارت کے زیر قبضہ جموں و کشمیر (IIOJK) میں انسانی حقوق کی صورتحال پاکستان اور باقی دنیا کے لیے شدید تشویش کا باعث بنی ہوئی ہے۔ بھارت نے کرفیو، بلیک آؤٹ، من مانی نظر بندی، قید اور بنیادی حقوق سے انکار کے ذریعے کشمیری مردوں، عورتوں اور بچوں کو ڈھٹائی سے نشانہ بنایا ہے۔ مقبول کشمیری سیاسی قیادت کو غیر قانونی طور پر نظر بند کیا گیا ہے یا فرضی مقدمات کے ذریعے جان بوجھ کر نشانہ بنایا گیا ہے۔ میڈیا کو جبر کے ذریعے خاموش کر دیا گیا ہے اور علمائے کرام کو گرفتار کیا گیا ہے۔ ایسے سخت قوانین بنائے گئے ہیں جو کشمیری عوام کی بنیادی آزادیوں سے انکار کرتے ہیں۔ بھارت نے IIOJK میں آبادیاتی تبدیلیاں لانے کے لیے اپنی مہم تیز کر دی ہے، تاکہ کشمیریوں کو اپنی ہی سرزمین میں اقلیت میں تبدیل کیا جا سکے۔ یہ اقدامات اقوام متحدہ سیکورٹی کونسل کی قراردادوں اور بین الاقوامی قوانین بشمول چوتھے جنیوا کنونشن کی خلاف ورزی ہیں۔ بھارت اگر یہ سمجھتا ہے کہ وہ کشمیری عوام کے آہنی ارادے کو کچل سکتا ہے تو وہ غلطی پر ہے۔ بھارتی قابض افواج کی طرف سے جاری ریاستی دہشت گردی کشمیریوں کے عزم کو توڑ سکتی ہے اور نہ ہی ان کی جائز جدوجہد کو کمزور کر سکتی ہے۔ ہم بھارت پر زور دیتے ہیں کہ وہ پاکستان، اقوام متحدہ اور سب سے بڑھ کر کشمیری عوام کے ساتھ کیے گئے وعدوں کا احترام کرے۔ میں پوری پاکستانی قوم کی طرف سے اپنے کشمیری بھائیوں اور بہنوں کو یقین دلانا چاہتا ہوں کہ ہم ان کے ساتھ کندھے سے کندھا ملا کر کھڑے ہیں۔ ہم ان کی اخلاقی، سفارتی اور سیاسی حمایت اس وقت تک جاری رکھیں گے جب تک وہ بھارتی جبر سے آزادی حاصل نہیں کر لیتے۔ پاکستان تمام بین الاقوامی پلیٹ فارمز پر بھی اپنی آواز بلند کرتا رہے گا اور IIOJK میں ہندوستان کے وحشیانہ اقدامات کو اجاگر کرتا رہے گا۔

بلاول بھٹو زرداری
وفاقی وزیر برائے امور خارجہ، پاکستان

آج جبکہ ہم یوم یکجہتی کشمیر منارہے ہیں تو پاکستانی عوام اپنے کشمیری بھائیوں اور بہنوں کی قربانیوں کو سلام پیش کرتے ہیں جنہیں 75 سال سے زائد عرصے سے وحشیانہ بھارتی جبر کا سامنا ہے۔ سات دہائیوں سے زائد عرصے سے بھارتی قابض افواج نے کشمیریوں پر مظالم ڈھائے ہیں اور انہیں ان کے حقوق سے محروم رکھاہوا ہے۔ آج، بھارتی غیر قانونی مقبوضہ جموں و کشمیر دنیا کے سب سے زیادہ فوجی تعیناتی والے علاقوں میں سے ایک ہے، جہاں 900,000 سے زیادہ قابض بھارتی فوج تعینات ہے۔ بھارت نے5 اگست 2019 کے اپنے غیر قانونی اور یکطرفہ اقدامات سے غیر قانونی مقبوضہ جموں و کشمیر کے لوگوں کو دبانے کا نیا باب کھول دیا ہے۔ بھارتی حکمرانوں نےانتخابی حلقوں کی تازہ حد بندی، غیر کشمیریوں کو لاکھوں ڈومیسائل سرٹیفکیٹس کا اجراء اور ووٹر لسٹوں میں لاکھوں غیر کشمیریوں کو شامل کیاہے جس کا مقصد کشمیریوں کو ان کی اپنی سرزمین میں ایک بے اختیار اقلیت میں تبدیل کرنا ہے۔ کشمیری مسلسل خوف کی حالت میں زندگی بسر کر رہے ہیں کیونکہ بھارتی فورسز کی طرف سے "محاصرے اور تلاشی" کی کارروائیوں میں طاقت کے اندھا دھند استعمال اور ماورائے عدالت قتل کا سلسلہ جاری ہے۔ سیاسی کارکنوں اور انسانی حقوق کے محافظوں کو من مانی غیرقانونی حراستوں، تشدد اور جائیدادوں کی ضبطی کا سامنا ہے۔ بھارت کو غیر قانونی مقبوضہ جموں وکشمیر میں انسانی حقوق کی اپنی سنگین خلاف ورزیاں ختم کرنا ہوں گی۔ بھارت آبادیاتی ڈھانچےمیں تبدیلیوں سمیت 5 اگست 2019 کے یکطرفہ اور غیر قانونی اقدامات کو واپس لے۔بھارت سخت قوانین کو منسوخ کرے ماورائے عدالت قتل کے معاملات میں اقوام متحدہ کی طرف سے دی گئی تحقیقات کی اجازت دے اورجموں و کشمیر پر اقوام متحدہ کی سلامتی کونسل کی متعلقہ قراردادوں پر عمل درآمد کرے۔ میں اپنے کشمیری بھائیوں اور بہنوں کو یاد دلانا چاہتا ہوں کہ جب تک کشمیری بھارتی مظالم کا شکار ہیں پاکستان کبھی بھی چین سے نہیں بیٹھے گا اور خاموش تماشائی نہیں بنے گا۔ جموں و کشمیر کا تنازع پاکستان کی خارجہ پالیسی کا اہم ستون رہے گا۔ ہم کشمیری عوام کی اس وقت تک غیرمتزلزل اخلاقی، سفارتی اور سیاسی حمایت جاری رکھیں گے جب تک کشمیریوں کو اقوام متحدہ کی سلامتی کونسل کی قراردادوں کے مطابق حق خودارادیت حاصل نہیں ہو جاتا۔

قمر زمان کائرہ
وزیر اعظم کے مشیر برائے امور کشمیر و گلگت بلتستان

آج یوم یکجہتی کشمیر کے موقع پر ہم اپنے کشمیری بھائیوں کی طویل المدت جائز حق خودارادیت کے حصول کی دلیرانہ جدوجہد میں ان کے ساتھ متحد ہیں۔ حکومت پاکستان اور عوام کی مقبوضہ جموں و کشمیر کے عوام کو ان کے ناقابل تنسیخ حق خودارادیت کے حصول کے لیے پچھلی سات دہائیوں سے غیر متزلزل حمایت جاری ہے۔ ہم اپنے کشمیری بھائیوں اور بہنوں کو بھارتی ریاستی دہشت گردی کے تمام ہتھکنڈوں کے خلاف مزاحمت کرنے اور اپنے پیدائشی حق خود ارادیت کے لیے اپنی جانوں کا نذرانہ پیش کرنے پر سلام اور خراج عقیدت پیش کرتے ہیں۔ ماورائے عدالت قتل، غیر قانونی نظربندیاں، تشدد، جبری گمشدگیاں، اجتماعی سزائیں اور کشمیری رہنماؤں کو قید کرنے جیسے ریاستی دہشت گردی کے ہتھکنڈے کشمیریوں کی خواہشات کو دبانے میں بری طرح ناکام ہو چکے ہیں۔ کشمیری عوام کی انتھک جدوجہد نے ثابت کر دیا ہے کہ ان کے حق خودارادیت کے منصفانہ مطالبے کے عزم کو کسی بھی سطح کا جبر توڑ نہیں سکتا۔ اس مایوسی کے عالم میں، بھارت نے 05 اگست 2019 کو غیر قانونی اور یکطرفہ اقدامات اٹھائے اور مقبوضہ کشمیر کی آبادی کے تناسب کو تبدیل کرنے کے اپنے مذموم منصوبے کو عملی جامہ پہنانے کے لیے کشمیر کی خصوصی حیثیت کو منسوخ کر دیا۔ تب سے اب تک بھارت غیر کشمیری باشندوں کو چالیس لاکھ سے زائد ڈومیسائل جاری کر چکا ہے۔ کشمیریوں کی زمین ہتھیانے کے لیے نئے پراپرٹی قوانین بنائے گئے ہیں۔ بھارت ہندو اکثریتی علاقوں کے لیے تناسب سے زیادہ تعداد میں نشستیں مختص کرنے کے لیے انتخابی حلقوں کو دوبارہ ترتیب دے کر مقامی انتخابات میں بھی جوڑ توڑ کر رہا ہے۔ بھارت کے یہ تمام مذموم اقدامات اقوام متحدہ کی سلامتی کونسل کی قراردادوں، بین الاقوامی قوانین اور چوتھے جنیوا کنونشن کی کھلی خلاف ورزی ہیں۔ پاکستان کی حکومت اور عوام، کشمیریوں اور عالمی برادری نے بھارت کے ان غیر قانونی اقدامات کو یکسر مسترد کر دیا ہے۔ یہ اقدامات بھارتی حکومت کی آر ایس ایس سے متاثر ہندوتوا ذہنیت کا واضح مظہر ہیں جس کا مقصد اقلیتوں کو ہراساں کرنا ہے۔ آج بھارت دنیا میں ایک جارح اور جابر ملک کے طور پر جانا جاتا ہے۔ اس کی نام نہاد سیکولر اور جمہوری ساخت مکمل طور پر بے نقاب ہو چکی ہے۔ بھارت کو یہ سمجھنا چاہیے کہ کشمیریوں کی جبر کے تمام ہتھکنڈوں کے خلاف اٹھ کھڑے ہونے کی ایک شاندار تاریخ ہے اور بھارتی حکام کی کسی بھی قسم کی مہم جوئی سے کشمیریوں کے بھارتی قبضے سے آزادی کے عزم کو مزید تقویت ملے گی۔ وزیر اعظم محمد شہباز شریف اور وزیر خارجہ بلاول بھٹو زرداری نے تمام عالمی فورمز پر مسئلہ کشمیر کو اجاگر کرنے کے لیے بھرپور کوششیں کی ہیں۔ نتیجے کے طور پر، ہم نے عالمی برادری میں اس تنازعہ کے بارے میں بیداری میں اضافہ دیکھا ہے۔ انسانی حقوق کی بین الاقوامی تنظیموں جیسے ایمنسٹی انٹرنیشنل، ہیومن رائٹس واچ، اقوام متحدہ کے دفتر برائے انسانی حقوق کے ہائی کمشنر اور OIC کے آزاد مستقل انسانی حقوق کمیشن نے مقبوضہ کشمیر میں انسانی حقوق کی خلاف ورزیوں کو اچھی طرح سے ریکارڈ اور اجاگر کیا ۔ عالمی برادری کشمیریوں کے حقوق کے ضمن میں اپنی اجتماعی ذمہ داری تسلیم کرے۔ کشمیریوں کے مصائب کے حوالے سے مسلسل بے حسی کے خطے اور اس سے باہر کے لیے تباہ کن نتائج برآمد ہوں گے۔ پاکستان نے مسلسل واضح کیا ہے کہ خطے میں پائیدار امن و سلامتی کا انحصار جموں و کشمیر کے بنیادی مسئلے کے پرامن حل پر ہے۔ ہم ایک بار پھر اپنے اس عزم کا اعادہ کرتے ہیں کہ پاکستان اقوام متحدہ کی سلامتی کونسل کی قراردادوں اور کشمیری عوام کی خواہشات کے مطابق حق خودارادیت کی منصفانہ جدوجہد میں کشمیریوں کی ہر ممکن سیاسی، سفارتی اور اخلاقی حمایت جاری رکھے گا۔

کشمیر کی وادی میں
کیا ظلم اتارا ہے

پھولوں کو بھی روندا ہے
بچوں کو بھی مارا ہے

خاموش گواہوں کو
معلوم تو سارا ہے

کس منہ سے کہا تم نے
کشمیر تمہارا ہے

بقايا سنڌيار 01

بوهيو سنڌ بار ڪائونسل ميمبر عبدالستار لهراڻي شير محمد اڄڻ قادر خانزاده نواب خان مري زاهد شاهه سمجاجي ورڪر مهناز شيخ امين الدين خاصخيلي صدر تعلقو مورو جنرل سيڪريٽري عبدالقادر ڪورائي پريا صدر نثا نياب ملاح فيصل لطيف پٽني غلام معيم الدين جت صدر محرابپورشڪيل احمد جوڪيو .غلام سرور مري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ وبيادل مارچ مورو نوشهرو بائ باس بند ڪري ڇڏيو 4ڪلاڪن تائي روڊ بند هزاين گاڏين جي قطارلڳي وئي وڪيلن چيف جسٽس آف پاڪستان سنڌ ۽ آرمي چيف ڪان مطالبو ڪيو ته فورن سو موٽو ايڪشن وٺي حڪومت خلاف ايڪشن وٺو ۽پيٽرول ڊيزل ۽ هٽرادو مهانگائي تي ڪنٽرول ڪيو هتان جو غريب عوام مهانگائي جي چڪي ۾ پيسجي رهيو آهي ٻه ويلا ماني کائڻ لاءِ پريشان آهي غريب پنهنجاٻچا ۽ گهر ٻار وڪڻڻ تي مجبور آهي هتي ڦر لٽ وڌي وئي آهي ڊي سي نوشهروفيروزکي خبردار ڪيو ته فورن شهر ۾ نڪري ۽ دڪاندارن جي لسٽ چيڪ ڪري اگهن تي ڪنٽرول ڪري ورنه پيو اسٽيمپ سنڌس خلاف هوندو

بقايا سنڌيار 02

ڪري ڇڏيو زخمي نوجوان کي شيخ زيد اسپتال ميرپورساڪرو آندو ويو جتان نوجوان کي ڪراچي روانو ڪيو ويو ڪيرا برادري پاران قومي شاراهه تي ڌرڻو واقعي ۾ ملوث جوابدار کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي ٻئي طرف غلام الله شهر ۾ هشيار بندن مين اسٽاپ تي خواجا محلا لڳ فائرنگ ڪري نوجوان زاهد پٽ محمد درس کي شديد زخمي ڪري فرار ٿي ويا زخمي نوجوان کي سول اسپتال مڪلي نيو ويو جتان سخت زخمي هجڻ ڪري زخمي نوجوان کي علاج لاءِ ڪراچي ريفر ڪيو پنهي واقعن جا سبب معلوم نه ٿي سگهيا

بقايا سنڌيار 03

موجب آيس ايس پي بدين شاهنواز چاچڙ جي هدايت تي ڏوهن تي ASPماجده پروين هاليپوٽو جي سربراهي ۾ انسپيڪٽر اصغر عالم هاليپوٽو اسٽاف سميت چڪ نمبر 58 لنڪ روڊ تي ڪاروائي ڪري موٽرسائيڪل لفٽر گينگ جي هڪ جوابدار غلام حسين عرف سونو ڪوڪر ويٺل وارڊ نمبر 03 گولاڙچي شهر کي چوري ڪيل موٽر سائيڪل ۽ هڪ 30 بور پسٽل ۽ 4 گولين سميت گرفتار ڪري ورتو ۽ ڪانس انٽروگيشن دوران 3 چوري ٿيل موٽر سائيڪلون هٿ ڪري ورتيون ايس ايڇ او بدين انسپيڪٽر محمد انور لغاري پير چوڪ بدين تي ڪاروائي ڪري موٽرسائيڪل لفٽر گينگ جي هڪ جوابدار محمد عرفان پٽي ويٺل ڪوسڪي روڊ بدين شهر کي گرفتار ڪري انٽروگيشن دوران ڪانس 11 چوري ٿيل موٽرسائيڪلون هٿ ڪري ورتيون ايس ايڇ او ٽنڊو باگو امير بخش ڪوسو ۽ ايس ايڇ او ٽالٽي پنگريو انسپيڪٽر غلام قادر سرڪي گڏيل ڪاروائي ڪندي موٽرسائيڪل ليفٽر گينگ جي هڪ جوابدار لطيف خاصخيلي ويٺل بلوچ چڪ کي گرفتار ڪري سنڌس قبضي مان 5 چوري ٿيل موٽرسائيڪلون هٿ ڪري ورتيون آهن ايس ايڇ او ڪوروا سب انسپيڪٽر محمد عارف جروار ڪاروائي ڪري 2 رڪني بين الضلاعي ڌوهاري گينگ جي ٻن جوابدارن غلام رسول کيري ۽ جمال کيري کي گرفتار ڪري سنڌن قبضي مان 1 عدد 125 موٽر سائيڪل جڏهن ته جوابدار جي قبضي مان 1 عدد 30 بور پسٽل هٿ ڪري ورتا ايس ايڇ او ڪوروا اسٽاف سميت ڪوروا ڪان جاتي طرف ويندڙ روڊ تي ڏوهه جي ارادي سان ٻيٺل جوابدارن سان مبينا مقابلي ڪانپوءِ رمضان عرف رمون بجاڻي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سنڌس قبضي مان غير قانوني هٿيار ۽ هڪ ٻولان کيري هٿ ڪري ورتي آهي ايس ايڇ او ماتلي سب انسپيڪٽر مير محمد گاڏاهي چوري ٿيل رڪشا ۽ هڪ موٽر سائيڪل هٿ ڪري ورتي گرفتار جوابدارن جي خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

بقايا سنڌيار 04

ويو آهي ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي ايڇ ايس ٽي استادن احمد علي کهيڙي . عبدالهادي چوليائي . عاشق حسين چانڊيو . عبدالقيوم سومرو . گهرام خان چانڊيو ۽ ٻين پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسان سنئير استادن جي حقن ته ڌاڙو هڻي جونئير استادن کي اسان مٿان رکيو ويو آهي جيڪو انتهائي نامناسب عمل آهي اسان پنهنجي سڄي عمر تعليم کاتي کي ارپايو پر انهه باوجود به سنڌ حڪومت ۽ تعليم کاتي ميرٽ جي لتاڙ ڪري پنهنجن نوازيل جونئير سيڪڙاٽ استادن کي ترقي ڏئي ڪري قانون ۽ آئين جي خلاف ورزي ڪئي آهي اسان سنئير استاد تعليم کاتي ۽ سنڌ سرڪار جي اهڙي اعلان کي هرگز ڪون مڃيندا سين ۽ پنهنجا حق حاصل ڪرڻ تائين خاموش ڪون ويهندا سين سنڌ حڪومت ۽ تعليم کاتي جي اعليٰ آفيسرن کي گهرجي ته هو جونئير استادن جي پروموشن وارو نوٽيفڪيشن ڪينسل ڪري اسان سنئير استادن کي پروموشن ڏئي تعليم جي معيار کي بهتر ڪن جيڪي سيڪڙاٽ استادن کي ترقيون ڏنيون ويون آهن اها هڪ وڏي سازش آهي سنڌ جي تعليم کي هٿي وٺرائي تباهه ڪيو پيو وڃي جيڪو اسان هرگز ڪرڻ ڪون ڏينداسين هر تعليم سان چاهه رکندڙ ماڻهو توڙي اسان استاد اهيو اعلان ڪون مڃينداسين اسان سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۽ . پرڏيهي بلاول ڀٽو زرداري ۽ تعليم واري وزير کان پرزور مطالبو ٿا ڪريون ته جونئير سيڪڙاٽ استادن جي پروموشن ختم ڪئي وڃي ۽ اسان سنئير استادن کي ترقيون ڏنيون وڃن نت ٻئي صورت ۾ سڄي سنڌ اندر تعليمي ادارن جو بائيڪاٽ ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 05

شاگرن ۽ شاگرديائين ڪشمرين سان ٿيندڙ ظلم جي حوالي سان ٽيبلون پيش ڪيون ويون جتي جوڦل حسٽ گورنمنٽ بوائز ۽ گرلز اسڪول نمبر 2 ريس ڪلب جي ميڊم بشرا خان ۽ سنڌس اسٽاف موجود هئا جتي ڪشميرين سان اظهار يڪجهتي ڪندي هڪ زبردست پروگرام منعقد ڪيو جنهن ۾ اسڪول جي شاگردن ۽ شاگرديائين ٽيبلو ۽ تقريرون پيش ڪيون

بقايا سنڌيار 06

آهي جيڪا مون سرفراز الدين اسراڻ کان خريد ڪيي آهي ۽ اهڙي لکت هجڻ باوجود به مٿيان بااثر قبضو ڪري رهيا آهن ۽ هنن مان مون کي جان جو خطرو آهي ۽ منهنجي خاندان کي پڻ نقصان پهچائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون آهن هن وڌيڪ چيو ته اهڙي شڪايت وڪرو ڪندڙ نيڪ مرد سرفراز الدين اسراڻ کي به ڏني پر هن تدارڪ نه ڪيو ۽ هو سائن هٽ ٻڌيل آهي اپيل ٿو ڪريان آءِ جي سنڌ .ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي قمبر کي ته نوٽيس وٺي بااثرن قبضي گيرن خلاف قانوني ڪاروايي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 07

ڊاڪٽر الله نواز ٻبر ڪراچي ۾ پنهنجي رهائش گاهه تي صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سنڌ صوفين جي دهرتي آهي جتي امن محبت ۽ پيار ملي ٿو پر اتي ڪجهه شر پسندن ماڻهن سنڌ جو امن امان کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪن پيا هن چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ ٿهيم برادري جي شرپسندن ماڻهن بلاوجا زميني تڪرار تي ڀپر برادري جي ست ماڻهن کي قتل ڪري ظلم ڪيو آهي ڊاڪٽر الله نواز ٻبر وڌيڪ چيو ته هي ست ماڻهون ته پر ست خاندان اجاڙي ڇڏيا آهن پر اتي رياستي مشينري به مڪمل خاموش رهي هن چيو ته اسين وزيراعلي سنڌ آئي جي سنڌ کي اپيل ڪيون ٿا ته ٿهيم برادري پاران ڪيل ظلم جو حساب ڪيو وڃي ۽ مقتولن جي وارثن کي انصاف ڪري شرپسندن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 08

ڪرڻ کان سواءِ ڪم ڪندا ته ان منصوبي ۾ نقصان ضرور ٿيندا .هن چيو ته پنج مهينا اڳ تباهڪن برسات جو پاڻي هاڪڙي جي وهڪرن کي بند هڏي روڪيو ويو . پراڻ جي وهڪري کي روشن آباد وٽان ڪٽ لڳڻ سان وڏو نقصان ٿيو پر آر ڊي 211 کان ڪٽ لڳي ها ته اجان وڌيڪ نقصان ٿئي ها . چوته شڪور ڍنڍ وٽان پراڻ جي وهڪري ۾ ٻيٺل پاڻي شڪور ڍنڍ جي سطح کان پندرنهن فوٽ مٿي ٻيٺل هو . هن کان اڳ وزيراعلي سنڌ جي صلاحڪار ويرجي ڪولهي چيو ته گذريل برسات ۾ ماڻهون لاءِ روٽي روزي کان وڌيڪ سنڌن زندگين جي بچائڻ جو مسئلو هو.هن چيو ته وزير اعلي سنڌ جي هائوس ۾ اسان مانيٽرنگ سيل قائم ڪيو هو ان ۾ معلومات ملي پيئي ته ٿرپارڪر خاص طور نگر جا 20 ڪان مٿي ناهيل ڊيم پاڻي ۾ ٻڏي اوور ٽاپ ٿيا هئا ۽ انجنيئرن جي غلط منصوبابندي تحت ناهيل 3 ڊيم مڪمل ٽٽي ويا هئا . هن ڪان پهرين سيمينار کي خطاب ڪندي پروفيسر محمد اسماعيل ڪنڀار چيو ته سنڌو سيتا جي شاندار ۽ سرسبز تهذيب جي اهڃاڻ سنڌو دريا جي وهڪرن کي بند ڪري 1969 ع ۾ ايل بي او ڊي منصوبي جي غلط رٿا بندي ڪري لاڙ پٽ جي هن علائقي کي تباهه ڪيو ويو .1994ع ۾ شهيد بينظير ڀٽو جي دوري بعد فورن ٽائيدل لنڪ ۽ چولري وير لڙهي ويئي .شيخاڻي گهاڙي وٽان ايل بي او ڊي جو اولهندو ڪپ ٽٽي ويو .هن چيو ته قدرتي وهڪرا بند ڪري آيل بي او ڊي وارو حصو اولهندي طرف غلط منصوبابندي تحت ناهي علائقي کي تباهه ڪيو ويو. هن چيو ته جڏهن به منصوبي تي ڪم ٿئي ٿو ته اهو ڪرپشن جي ور چڙهيو وڃي . پروفيسر اسماعيل ڪنڀار جهڏو ۽ حيات خاصخيلي جي تباهي جا منظر ٻڌائيندي روئي پيو . پروفيسر طفيل چانڊيو سيمينار ۾ ڳالهائيندي چيو ته سموند لکين ايڪڙ زرعي زمين تباهه ڪري ڇڏي آهي اسان جون سڀ ڍنڊون ڪاربون تي ويون آهن ,تباهي اسان جو مقدر بڻجي ويئي آهي . علاقي جي آبادڪار غفور چانڊيو چيو ته اسان وٽ مسلسل پاڻي جي ڪوٽ رهي ٿي ,جڏهن برساتون پون ٿيون ته اسان ٻڏي وڃون ٿا ۽ ماڻهن جا لاش کڻڻ وقت اهڙي جاءِ نه ٿي ملي جتي لاش دفنا

بقايا سنڌيار 09

ڪاتي فقرائي محفل سجائي وئي تفصيل مطابق: وارهه لڳ ڳوٺ غازي خان مرڪند ۾ ڳوٺ جي وڏيري ڪامريڊ امام بخش مرڪند طرفان درگاهه فقير ربنواز مرڪند جي تي حضرت علي عليه السلام جي ولادت جي موقعي تي ڪيڪ ڪاٽي فقراهي محفل ڪرائي، محفل ۾ فقرائي فنڪار سنڌس جي والد صاحب جو مرشد فقير خادم حسين شاهه ٽرڙي واري فقرائي ڪلام چئي محفل کي جهومائي ڇڏيو، پروگرام ۾ خدمتگار محبت علي مرڪند سوشل ورڪر انسان دوست محمد بخش مرڪند عامر علي مرڪند آيل مهمانن تعلقي گمبٽ ڪان وڏيرو عزيز احمد مرڪند ڪامريڊ غلام رسول مرڪند محبوب علي مرڪند غلام عباس مرڪند لاڙڪاڻي ڪان اياز علي مرڪند وار تعلقي ڪان سمير علي شيخ جاويد احمد شيخ تعلقه پريس ڪلب وار جو صدر طالب حسين چانڊيو ممتاز علي چنو، زاهد حسين هرڙو، نياز علي چنو، غلام مصطفي بروهي، محمد اشرف ٻگهيو عرف ٻگهيو شاهه ۽ ٻين مهمانن شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 10

ڪامياب ٿيل حاجي يار محمد سومرو پينل جي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبر عبدالعزيز ڪارو سومرو، چئرمين رياض علي سومرو، وائيس چئرمين اقبال سومرو ۽ لاٿقيور يونين ڪائونسل تي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيل چئرمين عبدالعزيز سومرو، ڪائونسلر محمد يوسف سارونيو ۽ يونين ڪائونسل سيد علي اڪبر شاهه جي چونڊيل وائيس چئرمين سيد اظهار شاهه جي مان ۾ پريس ڪلب دڙو جي صحافين طرفان آجياڻون ڏنو ويو، جنهن ۾ علي اڪبر پنيرو، عطا محمد پنيرو، غلام نبي عباسي، مشتاق احمد سومرو، پيراميڊيڪل اڳواڻ رجب ميمڻ، شوڪت ميمڻ، نواز پوڙهو ميمڻ، ڪامريڊ شوڪت سومرو، مولائي ممتاز سوڍو سميت ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن ته پريس ڪلب دڙو جي صدر اعجاز اختر ميمڻ، امداد ميمڻ، وفا چندن لاشاري، ساگر ديدار ڪنڀر، وفا مشتاق لاشاري، امتياز آڪاش ميمڻ، محمد جمن سومرو، شاهنواز سومرو، مختيار علي ڪوڪر ۽ ٻين پاران آيل مهمانن کي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا. ان موقعي تي لاٿقيور ۽ خانپور يوسيز جي چونڊيل عوامي نمائيندن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته خانپور دڙو ۽ لاٿقيور يوسيز جي عوام ٿيل بلدياتي اليڪشن ۾ سمورن مخالف اميدوارن کي رد ڪري آزاد اميدوارن کي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ڪيو آهي، هنن وڌيڪ چيو ته جيئن ئي بلدياتي ادارن جا انتظامي اختيار چونڊيل نمائيندن ڏانهن منتقل ٿيندا ته لاٿقيور ۽ خانپور جي عوام جي قسمت بدلائي ڇڏينداسين. انشا عوام جي اميدن تي پورو لهنداسين.

بقايا سنڌيار 11

: ڊاڪٽر احمد نوناري : باغي رفيق : سيد سارنگ شاهه : اقبال حاجاڻو ۽ ٻين چيو ته 1990 ۾ حيدرآباد ۾ ايم ڪيو ايم جي دهشت گردن هٿان شهيد ٿيندڙ سنڌي آفيسر سيد دلدار شاهه جو نالو اڄ به سنهري اکرن سان لکيل آهي سنڌس ڪيل عوامي خدمتون اڄ به سنڌي ماڻهن جي دلين ۾ زنده آهن هنن چيو ته 33 سال گذرڻ باوجود اسانجي سنڌي شهيد آفيسر جي قاتلن جي گرفتاري عمل ۾ نه آندي وئي آهي جنهن جي جيتري به مذمت ڪجي گهٽ آهي هنن وڌيڪ چيو ته اسين سنڌي پرامن قوم آهيون سڄي سنڌ ۾ پرامن شهري رهن ٿا ڪراچي : حيدرآباد : سکر : ميرپورخاص ۽ ٽنڊو الهيار ۾ اڄ به ايم ڪيو ايم دهشت گردي واري سياست ڪري رهي آهي جنهن لاءِ آئي جي سنڌ سميت اعلي اختيارين کان فوري ڪاروائي جو مطالبو ڪريون ٿا

بقايا سنڌيار 12

سنڌ جي ميڊيا ڪوآرڊينيٽر اديب ۽ شاعر اعجاز منمائي کي سماجي ۽ ادبي خدمتن عيوض ٽوپي جو تحفو پيش ڪري آجياڻو ڏنو ويو ان موقعي تي لالا موسيٰ خان جو چوڻ هو ته اسان لاءِ خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته اسان جي درميان اعجاز منمائي جهڙو محبتي انسان موجود آهي جيڪو هر وقت غريب ۽ مسڪين ماروئڙن جي خدمت ۾ مصروف آهي سول اسپتال اندر توڙي ٻاهر مريضن توڙي مسڪين جي واهر ڪندڙ آهي ان سان گڏ پاڻ ساهتي پرڳڻي جو بهترين انسان هئڻ سميت انٽرنيشنل ايوارڊ يافته اديب آهي هن چيو ته اعجاز منمائي اسان جو هيرو آهي جنهن جي حوصلا افزائي طور اسان مختصر ڳڌجاڻي رکي آهي شال اهي محبتون سدائين برقرار رهن ان موقعي تي اعجاز منمائي لالا موسيٰ خان سميت سمورن دوستن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته مون لاءِ اهو وڏو اعزاز آهي دوستن جون محبتون ڪڏهن به وساري نه سگهندس هن چيو ته مون سڄي زندگي انسانذات جي خدمت ڪرڻ جو سبق سکيو آهي چوته هڪ انسان کي مشڪلات مان ڪڍڻ پوري انسانيت کي مشڪلات مان ڪڍڻ برابر آهي انڪري اچو سڀ گڏجي سماج سڌارڪ بڻجي معاشري جي سڌارڻ لاءِ ڪم ڪريون

بقايا سنڌيار 13

جي وڌندڙ وارداتن تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي ايس ايس پي بدين شاهنواز چاچڙ کان مطالبو ڪيو آهي ته بدين ۾ وڌندڙ چورين کي روڪي ۽ چوري ٿيل گاڏيون واپس ڏياريون وڃن

بقايا سنڌيار 14

آهن گذريل ٻن ٽن سالن کان اسڪول جي بلڊنگ مڪمل ڇت ڪري پئي آهي جنهن کان پوءِ ٻار کليل آسمان هيٺ پڙهي رهيا آهن هن وقت ٻوڏ متاثر جا آيل ٽينٽ لڳائي انهن ۾ ٻار زمين تي هيٺ ويهي تعليم پرائي رهيا آهن جن والدين وٽ توفيق هئي انهن پنهنجا ٻار گهارو شهر جي پرائيويٽ اسڪولن ۾ داخل ڪرائي ڇڏيا آهن جڏهن ته غريب ٻي ٻهچ ماڻهن جا ٻار هن گرمي ۾ ٽينٽ گرم ٿيندا هتان جي رهواسين شمس السلام رئيس سڪندر، محمد سليمان جوکيو ۽ ٻين وزير تعليم ڊي سي ٺٽو صاحب ايجوڪيشن آفيسر ٺٽو ايم پي اي، ايم اين اي، کان مطالبو ڪيو ته اسان جي اسڪول جي هڪ سال اڳ نئين بلڊنگ جي منظوري ٿيل آهي ٽينڊر اخبار ۾ اشتهار پڻ اچي ويو آهي اسان کي جلد کان جلد نئين بلڊنگ ڏني وڃي جيئن اسان غريب ماڻهو پنهنجي ٻارن کي پرائيويٽ اسڪول جي گرين فيسن کان جان ڇڏايو پمپ هائوس ڪالوني گهارو ۽ اس پاس ولي محمد جوکيو عطا محمد جوکيو ڪرمي جوکيو فلٽر پلانٽ جا ٻار جيڪي شهرن ۾ مڊل جي تعليم لاءِ وڃن ٿا اسان کي مڊل اسڪول پڻ منظور ڪرائي ڏنو وڃي

بقايا سنڌيار 15

فيدر ڪائنال يونيئن جي صدر محمد شريف گهوٽو ۽ جنرل سيڪٽري شبير احمد پٽي جو چوڻ هو ته نون آيل ممبرن جي اچڻ سان دلي خوشي ٿي آهي جنهن سان اسان جي يونين مضبوط ٿيندي ته جيئن مزدورن جو حق وٺي سگهجي

بقايا سنڌيار 16

چڙي آهي، ان سلسلي ۾ مقامي متاثر ڳوٺاڻن سوز علي پالاري، الله وسايو پالاري، محمد خان پالاري، شوڪت علي پالاري ۽ ٻين صحافين اڳيان دانهيندي الزام هڻندي چيو آهي ته جهمپير جي ڪوهستاني پٽي تي هڪ عرب شهزادي وٽ 5 هزار کان مٿي زمين جي ايراضي قبضي هيٺ آهي، جنهن جي سرڪاري ۽ پرائيويٽ گارڊن اسان غريب ماڻهن جو جيئڻ جنجال بڻائڻ سان گڏ مقامي ڪوهستان واسي مالوند ماڻهن کي چوپايو مال ۽ چارڻ نٿا ڏين ۽ نه ئي قدرتي ٻيٺل ديوين جا وڻ نٿا وڍڻ ڏين، هنن چيو ته شيخ عرب جي ملازمن ڪروڙ بلي کان سوئي گيس لائن تائين ڏهه ڪلوميٽرن جي ايريا ۾ ڪنهن به مقامي ماڻهون کي نه مال نٿا چارڻ ڏين ۽ نه ئي ڪاٺيون نٿا وڍڻ ڏين، هنن خدشو ظاهر ڪندي چيو ته ڪٿي ٻيهر عرب شهزادي جا نجي گارڊ شهيد ناظم جوکيو جهڙو سانحو نه ڪرائين، هنن انڪشاف ڪندي چيو ته شيخ ناصر لوطه کي چار هزار ايڪڙ جي لڳ ڀڳ زمين ٺيڪه سال ليز تي مليل هئي جنهن جو پڻ مدو ختم ٿي چڪو آهي مگر عرب هن وقت ڏهه هزار ايڪڙن کان وڌيڪ زمين تي قابض ٻنيل آهن، جنهن کي ڇڏڻ لاءِ تيار ناهي، متاثر ڪوهستان واسين چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ، وزيراعلي سنڌ، ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو ۽ ٻين وسوارن کان مطالبو ڪيو آهي ته بااثر شيخ عرب جي غير قانوني طور قبضي هيٺ آيل زمين خالي ڪرائي اها زمين اصل مالڪن حوالي ڪري ڪوهستان واسين سان ٿيندڙ زيادتين جو ازالو ڪرائي سنڌن چوپائي مال جا چراگاهه محفوظ بڻائي ڪين پريشاني کان بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 17

لاءِ آزار بڻجي ويو آهي ان سلسلي ۾ قمر ميمڻ عزارا شاهه ۽ ٻين عورتن احتجاج ڪندي چيو ته لوڊشيڊنگ اسان جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي صبح جو گئس جي لوڊشيڊنگ سبب اسڪولي شاگرد معصوم ٻارڙا بغير ناشتي جي اسڪول وڃن ٿا, گئس نه هجڻ ڪري عورتن کي پڻ رڌ پچاءِ ۾ وڏي تڪليف پيش اچي ٿي رات جو رڌ پچاءَ جي وقت ۽ بجلي جي لوڊشيڊنگ سان گڏوگڏ گئس جي لوڊشيڊنگ پڻ ڪئي ويندي آهي شهري هوٽلن تان ماني خريد ڪرڻ تي مجبور ٿيل آهن گئس نه هجڻ سبب گئس تي هلندڙ جنريٽر به نٿا هلن، هنن گئس انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي گئس جي هٽرادو لوڊشيڊنگ جو آزار ختم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 18

کي مدد ۽ انصاف لاءِ ساٿ ڏيڻ جي اپيل ڪئي آهي، شهيد عزيز ميمڻ جي بيواهه روڻهارڪي انداز ۾ الزام لڳايو آهي ته منهنجي مقتول مڙس جي ڪيس کي منهنجو ڏير ۽ ڪيس جو فريادي حفيظ ميمڻ جوابدارن سان ڳالهيون ڪري فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ۽ شهيد عزيز ميمڻ جي خون جو سودو ڪيو آهي، اسان کي ٻڌائڻ به گوارا نه ٿو ڪري، پڇڻ تي فريادي حفيظ ميمڻ اسان سان تعلق ئي ٽوڙي ڇڏيو آهي ۽ گذريل ٽن سالن کان اسان جي گهر به ناهي آيو، هن وڌيڪ چيو ته گذريل ٽن سالن کان مان ۽ منهنجا ٻچا بکون ڪاٽي رهيا آهيون ۽ فريادي چندا ڪري شهيد جون ورسيون ملهائي رهيو آهي جنهن جو ڪو فائدو ناهي جڏهن ته منهنجو ٻچڙو روزگار لاءِ ڪراچي ۾ ڌڪا کائي رهيو آهي، شهيد جي بيواهه وڌيڪ چيو ته فريادي کي پنهنجي منهن فيصلي جو ڪو حق ناهي چاڪاڻ ته شهيد جا اصل وارث اسان آهيون، منهنجو پٽ فائق عزيز ميمڻ ۽ اسان ئي شهيد جا اصل وارث آهيون ۽ گجهه گرهه ۾ ٿيندڙ ڪنهن به فيصلي کي نه ٿا مڃون، شهيد جي ٽينگرچير ته اسان جي ڪنهن به ڪا مدد ناهي ڪئي اسين لکين رپين جا مقروض ٿي ويا آهيون، شهيد جا دوست، باشعور صحافي ۽ صحافتي تنظيمون اڳتي اچي اسان جو ساٿ ڏئي اسان کي انصاف ڏيارين اسان سان ظلم ٿي رهيو آهي. ياد رهي ته 3 سال اڳ پيپلزپارٽي جي لانگ ترين مارچ دوران شهيد عزيز ميمڻ ڪجهه ماڻهن جو انٽرويو هلايو هو ته طئي ڪيل پيسا ڪين نه مليا آهن، جنهن تي پيپلز پارٽي جي مقامي قيادت جي مٿس ڪاوڙ هئي ۽ ڪجهه عرصي بعد سنڌس لاش واهه مان مليو هو مائيڪ جي تار سان ڪيس گهٽا ڏئي قتل ڪيو ويو هو

بقايا سنڌيار 19

دادو ۽ ضلع دادو جي سيني تعلق اسپتالن ۾ ڪم ڪندڙ صحت کاتي جي ملازمن طرفان اڄ به به ڪلاڪ او پي ڊي بند ڪري فيميل او پي ڊي آڏو گرائونڊ تي احتجاجي ڪئمپ تي بائيڪاٽ ڪندي گرينڊ هيلٿ الائينس ضلع دادو جي اڳواڻ . نثار احمد لاشاري محمد آچر پنهور صداقت علي سومرو امتياز احمد چانڊيو امان الله پنهور عبداللطيف گوپانگ امداد علي عباسي منصور پٽي عبدالمجيد جهتيال شهاب الدين کهرو نظير احمد ٻير گل محمد شاهاڻي جتوئي ڪامريڊ غلام حسين قمبراڻي محمد رمضان سولنگي وزير خان پنهور. ارشد نوهاڻي، سڪندر علي ڪوسورحمان پنهور نظام الدين ميمڻ، احمد علي اٽيرو فيض محمد شيخ دين محمد جتوئي ظهير احمد لغاري .عابد علي لغاري، دلدار علي پنهور. نوازلغاري حيدرعلي لُنڊ .ياسين سولنگي، علي اصغر قمبراڻي نواز علي لغاري ۽ ٻين چيو ته ٻئي مرحلي جي احتجاج کي 27 ڏينهن گذريا ويا پر صحت کاتي جي ملازمن جا جائز مسئلا هن مهل تائين حل ناهن ٿي سگهيا. هنن چيو وڌيڪ گرينڊ هيلٿ الائنس دادو جي اڳواڻ سنڌ حڪومت کي چتاءُ ڏيندي چيو ته گرينڊ هيلٿ الائنس جي طرفان ڏنل چارٽر آف ڊمانڊ رسڪ الائونس/هيلٿ پروفيشنل الائونس سپورٽنگ اسٽاف جي ٽائيم اسڪيل پئراميڊيڪل جو سروس اسٽڪچر نرسنگ اسٽاف جي پروموشن سميت طرفان پيش ڪيل مطالبا فوري طور حل ڪيا وڃن

بقايا سنڌيار 20

ڪيس ۾ نامزد جوابدار ايم پي اي سردار احمد خان چانڊيو ايم پي اي برهان خان چانڊيو ۽ ايس ايڇ او ڪريم بخش چانڊيو عدالت پهتا ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ جي جج نديم بدر قاضي جي بدلي ٿيڻ بعد جج جي مقرري نه ٿيڻ ڪري مڪ ڪيس جي ٻڌڻي 25 فيبروري تائين ملتوي جڏهن ته ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو جي ضمانت واري معاملي تي ٻڌڻي 18 فيبروري تائين ملتوي ڪئي وئي آهي ان موقعي تي ام رباب چانڊيو ميڊيا کي ٻڌايو ته ڪيس دوران ميهڙ ۾ جلسو منعقد ڪري اسان جي شاهدن کي حراسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ، خونريزي جو خدشو آهي ڪو به اڻ وڻندڙ واقعو پيش اچي سگهي ٿو ان ڪري ڊي آءِ جي حيدرآباد . ايس ايس پي دادو ۽ ٻين کي نوٽيس وٺڻ گهرجي عدالتن مان انصاف جي اميد آهي اسان پر اميد آهيون جڏهن ته سردار احمد چانڊيو ميهڙ ۾ اسان جون زمينون ۽ ملڪيتون آهن.اتي اچڻ وڃڻ اسان جو حق آهي سردار احمد چانڊيو سياسي ماڻهون آهيون ، ميهڙ ۾ سياست ڪرڻ جو حق آهي. جڏهن اهو حق سيني کي آهي ته اسان تي اعتراض ڇو؟خونريزي جو ڪو به خطرو ناهي . پلي ام رباب وارن کي سيڪيورٽي وڌائي ڏني وڃي اسان کي اعتراض ناهي

بقايا سنڌيار 21

تڪليف پيش اچي رهي آهي ان سان گڏو گڏ روزانه ڪيترين گاڏين کي حادثا پيش اچڻ لڳا آهن پراڻ انڊس هاءِ وي روڊ جي نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جا عملدار ڪاٻ مرمت وغيره نه ڪرائي رهيا آهن جڏهن ته جهاز جونڪ اسٽيشن جونڪ پراڙا محلہ وارو روڊ ۽ لال باغ سيوهڻ عيد گاهه سميت روڊ جي ڪيترن حصن ۾ کڏا ۽ کپا ٿي ويا آهن سيوهڻ جي عوام نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جي عملدارن کان مطالبو ڪري ٿي ته انڊس هاءِ وي روڊ جي ڊگري ڪاليج سيوهڻ کان وٺي لال باغ تائين مرمت وغيره ڪرائي ان انڊس هاءِ وي روڊ ۾ جيڪي کڏا ۽ کپا ٿي ويا آهن انهن جي مرمت ڪرائي وڃي

بقايا سنڌيار 22

جا والدين امام بخش عرف ددو مڱڻهار ۽ مسمات سلما مڱڻهار ميڊيا سان ڳالهائيندي روڻهارڪار ٿي ويا هنن چيو ته 18 جنوري 2023 اربع جي ڏينهن صبح 9 بجي اسان جي ڌي صوميا اسڪول لاءِ نڪتي پر واپس نه پهتي اسڪول انتظاميا سان رابطو ڪرڻ تي شاگرديائي صوميا غير حاضر هئي هنن وڌيڪ چيو ته اسان پاڻمرادو اسان جي نياڻي کي ڳولهڻ شروع ڪيو ته حيدرآباد ضلع جي ٽنڊو حيدر جي ڳوٺ ٻبڻ جي رهواسي شاهد علي انصاري ۽ سنڌس والد رٻنواز وٽ اسان جي ڇوڪري يرغمال ٻڌيل هئي هنن الزام هڻندي چيو ته شاهد علي انصاري ۽ سنڌس والد رٻنواز انصاري نوجوان نياڻيءَ اغوا ڪري انهن کان غلط ڪم ڪرائيندا آهن انڪار ڪرڻ تي يا وڪرو ڪري ڇڏيندا آهن يا جان کان ئي ماري ڇڏيندا آهن هنن وڌيڪ چيو ته ڪجهه بااثر شخص سائين بخش انصاري ۽ يوسف انصاري پڻ سنڌن ساٿاري ٻڌيل آهن هنن ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان ڊي آءِ جي حيدرآباد آءِ جي سنڌ سيشن جج ۽سنڌ هاءِ ڪورٽ کان انصاف جي گهر ڪندي چيو ته اسان غريب مسڪين ماڻهو آهيون اسان سان مدد ڪئي وڃي ۽ جوابدارن کي جلد کان جلد گرفتار ڪري اسان جي نياڻي جي حياتي بچائي وڃي هوڏانهن آل سنڌ مڱڻهار جي صوبائي صدر اڪبر علي مڱڻهار ۽ ٻين چيو ته جيڪڏهن امام بخش مڱڻهار سان انصاف نه ٿيو ته آل سنڌ مڱڻهار اتحاد سراپا احتجاج رهندي

بقايا سنڌيار 23

دعا گهري ۽ پنڊال ۾ محفل شان قلندر جو آغاز قرآن شريف جي تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪيو ويو تفصيل موجب سيوهڻ شان قلندر نعت محفل ۾ پاڪستان جا مشهور نعت خوان ۾ الحاج طاهر القادري ۽ حافظ احسن قادري ۽ ٻين مشهور ثناء خوان ۾ سيد شهنشاهه شاهه سائين علي نواز سولنگي علماءِ اڪرام مفتي سائين عبدالحليم چنا. محمد اسلم سولنگي سميت خصوصي مهمانن ۾ ميونسپل ڪاميٽي سيوهڻ چيئرمين سيد شهزاد حيدر شاهه . پ پ پ ضلعو ڄامشورو صدر سيد آصف علي شاهه جو پرسنل سيڪريٽري سهيل احمد سومرو. سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ جو پلاننگ آفيسر حافظ سعدالله سولنگي شهري ڪاروباري شخصيت سيٺ منظور احمد سومرو سوين شهرين ۽ زائرين عاشقي رسول وڏي تعداد هن محفل جي جلسي ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته تنظيم نوجوانان اهلسنت جي اڳواڻ چيئرمين عبدالسميع اونو. وائس چيئرمين طارق حسين سهتو. صدر ظهور احمد سهتو سينئر نائب صدر استاد علي نواز لاکو نائب صدر محسن باريجو. جنرل سيڪريٽري حافظ عابد حسين لاشاري. جوائنٽ اشفاق احمد چنا. خزانچي منصور احمد لاکو خزانچي فرحان علي قريشي. اطلاعت سيڪريٽري حيدر علي ڪوسو پريس سيڪريٽري علي خان لاکو آفيس سيڪريٽري سجاد علي سهتو ۽ ٻين ميمبرن انتظاميا جا فرائض سرانجام ڏنا آخر ۾ لنگر و نياز ڪري دعا خير گهري وئي

بقايا سنڌيار 24

موسيقي جو پروگرام پڻ رکيو ويو ريلي مختلف روستن تان ٿيندي درگاهه سيد موٽل شاهه تي پهتي جتي مولا ڪائنات حضرت علي عليہ سلام جي ولادت با سعادت جو ڪيڪ ڪٽيو ويو سيڪورٽي جا انتظامات سخت ڪيا ويا خبرموجب سڄي دنيا جيان پرياسڻي ۾ به جشن ولادت حضرت علي عليہ السلام وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو ريلي پڻ ڪيڊي وٺي ريلي فقير نجف الدين قلندري جي رهائشگاهه کان دهل شرنائين سان گڏ مهندي ڪٽي ڪيڊي وٺي ريلي جي اڳواڻي درگاهه لال قلندر جي سجاده نشين سيد زمان شاهه عبدال نجف قلندري ارشاد جعفري جاويد قلندري ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ريلي درگاهه سيد موٽل شاهه تي پهتي جتي حضرت علي عليہ جي ولاديت جو ڪيڪ ڪٽيو ويو جنهن کان پوءِ ريلي شهر جي مختلف رستن کان ٿيندي درگاهه سيد لونگ شاهه تي اختتام پزير ٿي ريلي ۾ وڏي تعداد مختلف شهرن ۽ آسپاس جي ڳوٺن کان آيل مومنين شرڪت ڪئي جيڪي دهل شرنائين تي جهمريون هڻي جشن ولادت علي عليہ السلام ملهائي رهيا هئا جڏهن ته پوليس پاران سيڪورٽي جا سخت انتظاميات ڪيا ويا هئا

بقايا سنڌيار 25

تي ٺيڪيدارن کي پابند ڪيو ته فورن جاري ترقياتي اسڪيمن کي مڪمل ڪيو وڃي ترقياتي ڪمن ۾ ڪاٻ ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي وڌيڪ صحافين سان ڳالهائيندي سموري ضلعيءِ ترقياتي ڪمن جو چار وڃايو ويو آهي ڪافي اسڪيمون مڪمل ٿي چڪيون آهن رهيل اسڪيمن جو ڪم تيزي سان جاري آهي جلد 26فيبروري تي مڪمل ٿيل اسڪيمن جو افتتاح ڪيو ويندو وڌيڪ اسڪيمون رڪرايون آهن جلد انهن اسڪيمن جو ڪم شروع ٿي ويندو انشاءالله پوري سجاول ضلعي کي هڪ مثالي ضلعو بڻايو ويندو ان موقعي بيلو شهر جي شهرين پاران پ پ ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي کي شڪايت ڪئي ته بيلو شهرءِ پرياسي ۾ بدامني وڌي وئي آهي فورن تر تيائي ڇڏيو آهي جنهن تي پ پ ايم اين سيد اياز علي شاهه شيرازي ايس ايڇ بيلو کي فورن هدايت ڪئي ته فورن ڌوهارين خلاف ڪري ڊائون ڪري بيلوءِ پرياسي جي عوام کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي وڌيڪ چيو آئون ايس ايس پي سجاول سان ڳالهائي ڪري بيلو ٿاڻي جي نفري پڻ وڌائي ويندي ڪنهن به صورت ۾ ڌوهارين کي بخش نه ڪيو ويندو ان موقعي تي شهرين عامر ميمڻ ،ملڪ خدابخش چارڻ ,بابوجان ميمڻ ,شعيب ميمڻ ,شوڪت هالو ,خالدطاهراڻي ۽ ٻيا معزز شهري پڻ موجود هئا

بقايا سنڌيار 26

پيپلز اسڪول ڪشمور ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۽ غزالي ايجوڪيشن ٽرسٽ پاران يوم يڪجهتي ڪشمير ڏهاڙو وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو پروگرام جي شروعات تلاوت قرآن پاڪ ۽ نعت مقبول رسول صلي الله عليه وسلم سان ڪئي وئي اسڪول ۾ شاگردن پاران ڪشمير سان يڪجهتي جو اظهار طور مختلف ٽيبلوز ۽ ڪشميري نغمن سان ڪيو ويو، مهمان خاص پروجيڪٽ منيجر جنيد احمد عامر حسن کلوڙ وائس پرنسپال اڪيڊمڪ انچارج سر اصغر علي تلاوت قرآن پاڪ عامر حسن نعت رسول پاڪ لاءِ عامر حسن ٻرڙو اردو تقرير لاءِ شگفتہ ناز انگلش تقرير لاءِ انتظار مهدي ٽيبلو حبيب الله مسعود گروپ جاڇهوڙ دي ميري وادي ٽيبلو سڪندر علي ڪوسو گروپ ڪشمير ملي نغمہ محمد علي سولنگي ٻارڙن پاران ڪشمير جي مظلوم عوام تي ٿيندڙ ظلم جي داستان پڻ ڊيڪاربندي اسڪول ۾ موجود مهمانن ۽ استادن کي روئاري ڇڏيو اسڪول ۾ شاگردن جو ڪشمير جي آزادي لاءِ جذبو ڏسڻ وٽان هو سنڌس شاگردن ۽ استادن جو چوڻ جو ته ڪشمير پاڪستان جي حصو آهي ۽ ان تي قابض ڀارت جي فوج جيڪا ڪشميري عوام سان ظلم ۽ جبر ڪري ٿي انشاء اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن ڪشمير پاڪستان وٽ هوندو ۽ انهئي ڀارتي فوج کي گهلي ڪشمير جي مظلوم عوام سان ٿيندڙ ظلمن ڪو حساب وٺنداسين آخر ۾ پاڪستان ۽ ڪشمير جي ڀلائي لاءِ دعا گهري وئي ۽ پروگرام اختتام

بقايا سنڌيار 27

ٿيل سرحد شهر لاءِ صنائي عملو موڪلي شهر جي مختلف علائقن. ملڪ محلا، سومرا محلا. لکڻ محلا،لونڌي شاهه مسجد، ۽شهر جي نالين جي صفائي ڪرائي وئي، ان موقعي تي شهرين، حسن ملڪ بخش سومرو، راڻا اقبال، ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪرپٽ يوسي سيڪريٽري دلبرمهر ٻن يوسيز جي چارج هوندي به مهانو 10لک روپيا بجيٽ هڙپ ڪيون ويلو آهي جنهن سبب سرحد شهر جي سالن کان نالين ڪاٽي نه ٿيڻ روز جو معمول ٻڌيل هو اڄ مس ونجي ضلعي انتظاميه جاڳي ۽ صفائي عملو موڪلي شهر جي صفائي ڪرائي وئي آهي، هنن وڌيڪ چيو ته پوري شهر ۾ بدبوءِ پکڙيل آهي مجال آ جو يوسي سيڪريٽري جي ڪن تي ڪا جوئن به چري هجي، هنن ڊي سي گهوٽڪي عثمان عبدا کان مطالبو ڪندي چيو ته ڪرپٽ يوسي سيڪريٽري دلبرمهر کي فوري طور هٽائي ڪين مهانا بجيٽ جي جاچ ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ يوسي سيڪريٽري خلاف سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 28

آهي اسين غريب عوام جا ساٿي آهيون سنڌ پريس ڪلب جي صحافي ڀائرن جو شڪر گذار آهيون جيڪي ڏينهن رات پنهنجي محنت ڪري حق سچ لکندا رهن ٿا ايم پي اي سردار معظم خان عباسي وڌيڪ چئيو ته مان آيل سينتن عباسي ڪلهوڙا برداري جو نهايت شڪر گذار آهيان جيڪي پنهنجو قيمتي ٽائيم ڪڍي آيا جنهن ۾ اڳواڻ مهتاب علي عباسي صدام حسين عباسي فيصل عباسي اظهر علي عباسي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 29

لاءِ امتياز آرائين وقاص احمد ورڪ منور علي سمون جنرل سيڪريٽري لاءِ نعيم ورڪ جوائينٽ سيڪريٽري لاءِ عبدالغفور باگراڻي ڊپٽي سيڪريٽري لاءِ ڊاڪٽر امتياز شيخ اطلاعات سيڪريٽري لاءِ گل محمد جعفري خزانچي لاءِ معشوق علي مزاري آفيس سيڪريٽري لاءِ سجاد علي جتوئي آڊيٽر لاءِ عبدالمجيد دلواڻي چيئرمين ورڪنگ ڪميٽي لاءِ سيد حسن شاهه ميمبر ورڪنگ ڪميٽي لاءِ نور حسن لاشاري جميل احمد پرڳڙي شهمير عباسي محمد امين نهڙيو آياز سمون زعفران احمد ملاح سيف الله نظاماڻي محمد صادق لنڊ احمد آرائين بلال علي راجپوت فرحان آرائين ڪاشف علي رضوان راجپوت بابر راجو کي چونڊيو ويو ماتلي تعلقي جي بنا مقابلي چونڊجي آيل سموري باڊي کي سنڌ صحافي سنگت جي مرڪزي صدر ملڪ طارق محمود اعوان پاران مبارڪباد ڏني وئي ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

بقايا سنڌيار 30

سماج پڙهي پوندو: ايم اين اي ڄام عبدالڪريم جوکيو جو تقريب کي خطاب تفصيل موجب يونين ڪاميٽي ٻپري جي الله بخش حمائتي ڳوٺ ۾ نياڻين لاءِ ناهيل ڪاليج جي عمارت جو ڪم مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ گذريل ڏينهن تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ايم اين اي سردار ڄام عبدالڪريم جوکيو ڪاليج جي عمارت جو افتتاح ڪري ڇڏيو ان موقعي تي يوسي چئيرمين علي محمد گبول وائيس چئيرمين عظمت لنڊ، امداد جوکيو ايجوڪيشن آفيسر ۽ علائقي جي معززن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ڪاليج جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ايم اين اي ڄام عبدالڪريم جوکيو چيو ته اڄ خوشي ٿي رهي آهي ته ٻپري ۾ نياڻين لاءِ ڪاليج جي عمارت جو ڪم مڪمل ٿي ويو جنهن ۾ نياڻيون تعليم پرائينديون هن چيو ته ٻپري واسين کي گهرجي ته اولاد کي تعليم ڏيارين خاص ڪري نياڻين کي ته ضرور تعليم ڏيارڻ ۾ ڪردار ادا ڪن چوته جيڪڏهن نياڻي پڙهيل هوندي ته سڄو سماج پڙهي پوندو هن چيو ته ملڪي حالتون خراب ٿي ويون آهن ماڻهو بيروزگاري طرف وڌڻ لڳا آهن بهتر تعليم هوندي ته پنهنجا مسئلا پاڻ حل ڪرڻ جي صلاحيت رکندا سماج کي بهتر ڪرڻ لاءِ تعليم ضروري آهي تعليم هوندي ته قوم باشعور ٿيندي ڄام عبدالڪريم جو چوڻ هو ته چونڊيل نمائندا ملير جي ماڻهن لاءِ اسڪولن ۽ ڪاليج جي حوالي سان بهتر کان بهتر نظام ڪرڻ لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون

بقايا سنڌيار 31

بخش لاشاري راڻوخان زهراڻي ۽ اختيار سومرو پڻ شرڪت ڪئي ٿيل اجلاس ۾ تنظيمي صورتحال جو مجموعي جائزو وٺڻ سميت يوم مادروطن جي جلسي ۾ ڀرپور شرڪت ڪرائڻ عوامي رابطا مهم هلائڻ چاڪنگ ڪرائڻ ۽ پارٽيءِ جا جهنڊا لڳائڻ جو فيصلو ڪندي يونين ڪائونسل سطح تي تنظيمي اجلاس ڪرائڻ ۽ يوم مادر وطن جي جلسي ۾ ڪراچي مان ڀرپور شرڪت ڪرائڻ لاءِ ٽي مختلف "يوم مادر وطن تياري ڪميٽيون" جوڙيون ويون آهن جنهن ۾ "يوم مادروطن ڪميٽيون" هيلين ريت جوڙيو ويون جن ۾ خير محمد مگسي نصرت سومرو نادر مگسي ۽ اختيار سومرو شامل هوندا حيات تنيو شبير چانڊيو راڻوخان زهراڻي ۽ سعيد لکڻ شامل هوندا عاشق ٿهيم. مبارڪ پٽي، علي بخش لاشاري، رجب مگسي ۽ محمد علي شيخ شامل هوندا مٿين سمورن فيصلن عمل ڪرائڻ لاءِ تياري ڪميٽيون پڻ پابند هونديون.اجلاس کي خطاب ڪندي حيات تنيو چيو ته ايس ٽي پي سنڌ جي عزت آجپي ۽ خوشحاليءِ لاءِ جدوجهد ڪندڙ سنڌ دوست. قوم پرست آهي هن چيو ته 24 فيبروري تي حيدرآباد جلسي ۾ هزارين ماڻهو شرڪت ڪندا

بقايا سنڌيار 32

مظاهرو ڪيو ويو مظاهري ۾ عوامي تحريڪ . سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سان گڏوگڏ هر مڪتبي فڪر جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي جي اڳواڻي ڪندڙن عوامي تحريڪ جي مرڪزي نائب صدر ايڊووڪيٽ ساجد حسين مهيسر ، مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري ماهه نور ملاح، ڪامريڊ سرتاج چانڊيو، عوامي تحريڪ ضلعي دادو جي صدر ايڊووڪيٽ نجيب الرحمٰن مهيسر، سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي صدر عاطف ملاح، ايڊووڪيٽ منصور چانڊيو ، ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته . وفاق کي سنڌ جي ٻيٽن تي قبضو ڪرڻ .سنڌ بحريا ٽائون، ذولفقار آباد ۽ ٻيون رهائشي ڪالونيون ناهڻ لاءِ سنڌين جون قديم وسنديون ڊاهي قديمي ڳوٺن تي قبضا ڪري سنڌين کي سنڌن گهرن ٻي گهر ڪيو ويو آهي ، هنن جو وڌيڪ چيو ته سنڌ جا ٻيٽ سنڌ جي ملڪيت آهن. سنڌ ۾ ٻوڏ آئي هٿ وٺي ٻوڙائي عوام کي معاشي طور ڪنگال ڪرڻ ڪانپوءِ مهانگائي ۾ ڳاٽي ٽوڙ اضافو ڪري سنڌي عوام جي نسل ڪشي ڪئي پئي وڃي. هنن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سنڌين کي بي گهر ڪرڻ لاءِ زمينن تي قبضا ڪرڻ بند ڪيا وڃن ۽ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي کي ڪنٽرول ڪري عوام کي وڌيڪ تباهه ۽ برباد ڪرڻ کان بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 33

اڳواڻي ۾ سجاول شهر جي پبلڪ پارڪ چوڪ وٽ هڪ ڏينهن جي علامتي بک هڙتال ڪئمپ قائم ڪئي وئي جنهن ۾ مختلف تنظيمن جي اڳواڻن ايس ٽي پي ضلع سجاول جو صدر عبدالغني ملاح، ممتازلغاري، گل حسن رند. پ پ شهيد ڀٽو سجاول جو اڳواڻ نظام ميمڻ ۽ ميرمرتضيٰ ڀان. جئي سنڌ قومي پارٽي جو اڳواڻ عنايت علي زئنور، عوامي پورهيت تحريڪ سجاول جو اڳواڻ عبدالغني سهتو، سول سوسائٽي، سوشل ورڪرن ۽ شهرين شرڪت ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سجاول ضلع ۾ پوليس جي سرپرستي ۾ منشيات سري عام هلي رهي آهي، منشيات اسان جي پوري سماج ۾ وڪوڙجي وئي آهي، اسان جا نوجوان نسل منشيات ۾ تباهه ٿي ويو آهي، ڪافي نوجوان منشيات جي ڪري ڪينسر جهڙي موضي مرض ۾ مبتلا ٿي ويا آهن ۽ ڪافي موت جو ڪاج بڻي ويا آهن پر هتي جي ضلع انتظاميه توڙي چونڊيل نمائندن جي ڪنن ۾ جون به نٿي سُري، هن سڄي برائي جو جڙ هتي ضلع انتظاميه آهي، اسان جي جدوجهد تيستائين جاري رهندي جيستائين هن ضلع مان منشيات جو خاتمو نه ٿيو آهي، هنن چيف جسٽس آف پاڪستان کان مطالبو ڪندي چيو ته سجاول ضلع ۾ ڪو ايماندار آفيسر مقرر ڪيو وڃي ۽ هن ضلع مان منشيات جو خاتمو ڪرائي اسان جي نسلن تي رحم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 34

آپريشن ڪندي ويهه کان وڌيڪ مختلف برادرين سان واسطو رکندڙ شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪري لاڪپ حوالي ڪري ڇڏيو جنهن ۾ اوڳاهي پيا ٽنڊواڻي ٻهلڪاڻي جاگيراڻي وغيره شامل آهن رابطي ڪرڻ تي پوليس ٻڌايو ته گرفتار ٿيلن جي جاچ ڪري رهيا آهيون جيڪي بي ڏوهي هوندا ڪين رها ڪيو ويندو ۽ ڪنهن سان به ڪا رعايت نه ٿيندي

بقايا سنڌيار 35

تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو ته جيل ڀريو تحريڪ لاءِ سنجيدا آهيو ته زمان پارڪ مان عورتن ۽ ٻارن کي هٽايو اوهان کي جيل ڀريو تحريڪ جي ضرورت ناهي، ڪيسن جو جواب ڏيو جيلون پاڻ ڀرجي وينديون. مريم اورنگزيب چيو ته ٻه ڏينهن جيل ۾ رهي جن جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويندا آهن آهي جيل ڀريو تحريڪ هلائيندا جڏهن ته نواز شريف 374 ۽ مريم نواز 157 ڏينهن، آصف زرداري 248 ڏينهن جيل ۾ گذارڻا پيا ۽ فريال ٽالپر عيد جي ڏينهن گرفتار ڪيو ويو سنڌس وڌيڪ چوڻ هو ته هڪ همراهه ٻيهر آها ٿي تقرير ورجائي رهيو آهي جيڪا ويهن سالن کان ڪندو رهيو آهي، عمران خان پنهنجي دور ۾ پنجويهه ارب رپين جا قرض ورتا، ڪيس مُلڪي معيشت جي تباهي، مهانگائي ۽ دهشتگردي جو جواب ڏيڻو پوندو.

بقايا سنڌيار 36

22اي جي تحت ڊپٽي ڪمشنر ,مختيارڪارسميت ٻين انتظامي آفيسرن کي اختيارڏيڻ غير آئيني آهي .سپريم ڪورٽ قرارڏئي چڪي آهي ته 22اي جي تحت ڪيس داخل ڪرڻ ۽ جاچ جو حڪم عدالتي اختيار آهي .آئين جي تحت عدليه کي انتظاميا سان الڳ ڪيو ويو آهي .هن اختيارن کي سنڌحڪومت سياسي مخالفين جي لاءِ استعمال ڪري رهي آهي .ان اختيارن کي استعمال ڪرڻ کان معاشري ۾ ظلم ۾ اضافو ٿيندو.

بقايا سنڌيار 37

۾ امڪاني چونڊن جي حوالي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. پنهي اڳواڻن پارٽي جي تنظيم سازي ۽ سڄي مُلڪ ۾ مريم نواز جي ورڪرز ڪنونشنز ڪوٺائڻ سميت پارٽي جي ٻين معاملن بابت ويچار ونڊيا. ان موقعي تي شهباز شريف جو چوڻ هو ته ڀرپور تياري سان چونڊن ۾ حصو وٺنداسين. ليگي ڪارڪنن لاءِ چونڊن جي حوالي سان شهباز شريف جلد پيغام جاري ڪندو

بقايا سنڌيار 38

اڪنامڪ زون قائم ڪرڻ جا اختيار وفاقي حڪومت کي ڏنا ويا آهن. بل جي پچڪڙي سنگين ڏوهه قرار ڏيندي گهٽ ۾ گهٽ 5 سال قيد سان گڏ ڏنڊ جي سزا تجويز ڪئي وئي آهي تفصيل موجب قومي اسيمبلي جو اجلاس اسپيڪر راجا پرويز اشرف جي صدارت ۾ ٿيو. اجلاس ۾ بجاءِ جي وفاقي وزير خواجا آصف پاران ن ليگ جي علي زاهد پاڪستان ميري ٽائيم زونس بل 2022 ع جي منظوري لاءِ پيش ڪيو جنهن کي قومي اسيمبلي منظور ڪري ورتو بل ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان ميري ٽائيم زونس ايڪٽ 2022 ع منظوري کان پوءِ فوري طور تي لاڳو تصور ٿيندو بل جي شق 3 ۾ چيو ويو آهي ته وفاقي حڪومت سرڪاري گزيٽ ذريعي سامونڊي علائقن. ان سان لڳندڙ زونن. خصوصي اڪنامڪ زون، سمنڊ جي تهه جون حدون طئي ڪري سگهندي بل جي سيڪشن 6 جي شق 8 ۾ چيو ويو آهي ته وفاقي حڪومت يا ان پاران تجويز ڪيل اٿارٽي کي واپار لاءِ استعمال ٿيندڙ غيرملڪي جهازن کي ضابطي جي پچڪڙي تي پاڪستاني سامونڊي حدن مان ڪڍڻ جو اختيار هوندو. منظور ٿيل بل جي سيڪشن 8 کي خصوصي معاشي زونن جي نالي سان شامل ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته وفاقي حڪومت کي مصنوعي ٻيٽن، سمنڊ سان ٽرمينلز، ٻيون تنصيبات ۽ اسٽرڪچر ۽ آلات جيڪي زون جي وسيلن سان تلاش لاءِ ضروري هجن، انهن بابت تعمير، مينٽيننس ۽ آپريشن جو حڪومت کي اختيار حاصل هوندو. خصوصي معاشي زون جي نالي سان شامل ڪيل سيڪشن 8 جي شق 3 ۾ چيو ويو آهي ته ڪو به شخص يا ڪمپني ، غير ملڪي حڪومت وفاقي حڪومت جي اجازت سان خصوصي معاشي زونن جي ڪنهن به وسيلي کي تلاش يا ان جو فائدو حاصل ڪري سگهجي ٿو

بقايا سنڌيار 39

گورنر هجڻ سبب عدالت ۾ پيش نه ٿيو.عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 17فيبروري تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي . آغاسراج دراني سميت ٻين جوابدارن تي آمدني کان وڌيڪ اثاثا ناهڻ جي خلاف احتساب عدالت ۾ ريفرنس داخل آهي . آغا سراج دراني سپريم ڪورٽ ۽ احتساب عدالت کان ضمانت رد ٿيڻ کان پوءِ سب جيل قرارڏنل اسپيڪر هائوس ۾ پوليس جي تحويل ۾ آهي. آغا سراج دراني وقتي هنن جي سبب حاضري کان ڇوٽ ڪري اڄ عدالت ۾ پيش نه ٿيو مشنر لياقت آباد ,اينٽي انڪروچمنٽ سميت ٻين کي روڊ ڪلئير ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي .عدالت کي اليڪٽرڪ کي حدخلين وارن جون ڪنڪشن ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي .درخواستگذار پنهنجي موقف ۾ چيو ته حدخليون ختم ٿي وڃي ڪري سروس روڊ مڪمل طور تي صاف ٿي ويندو چو ته هن روڊ مڪمل قبضو آهي .ڪنڊاماقيا جي ڪري بجلي جا اضافي بل اچي رهيا آهن . سروس روڊ تان هلائڻ عوام جي لاءِ مشڪل آهي.

بقايا سنڌيار 40

گورنر هجڻ سبب عدالت ۾ پيش نه ٿيو.عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 17فيبروري تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي . آغاسراج دراني سميت ٻين جوابدارن تي آمدني کان وڌيڪ اثاثا ناهڻ جي خلاف احتساب عدالت ۾ ريفرنس داخل آهي . آغا سراج دراني سپريم ڪورٽ ۽ احتساب عدالت کان ضمانت رد ٿيڻ کان پوءِ سب جيل قرارڏنل اسپيڪر هائوس ۾ پوليس جي تحويل ۾ آهي. آغا سراج دراني وقتي هنن جي سبب حاضري کان ڇوٽ ڪري اڄ عدالت ۾ پيش نه ٿيو.

بقايا سنڌيار 41

ٿي اليڪشن ڪميشن کي چونڊن جي تاريخ ڏيڻ کپي. ملاقات ۾ وزيراعظم شهباز شريف چيو ته آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ سمورين جماعتن کي اليڪشن ڪميشن ۽ معيشت سميت قومي معاملن تي گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪرڻ کپي. هن مولانا فضل الرحمان کي مخاطب ڪندي چيو ته مولانا صاحب! اسان مُلڪي معيشت کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوشش ڪري رهيا آهيون، مهانگائي جي لهر تي جلد ضابطو آڻي وٺنداسين. شهباز شريف وڌيڪ چيو ته اسان تعميري سياست تي يقين رکون ٿا، هي وقت ڏڦيڙ پيدا ڪرڻ واري سياست جو نه آهي.

بقايا سنڌيار 42

جي روضي مبارڪ جي سامهون المصلہ يا "المناخہ" واري علائقي ۾ قائم آهي. مسجد ابوبڪر الصديق عيد نماز وارن جاين مان هڪ آهي. جتي رسول صلعم عيد جي نماز ادا ڪئي هئي. مسجد جي بحالي ۽ نئين سراڏاوت دوران مسجد جي منفرد اڏاوتي طرز کي محفوظ رکيو ويو آهي.

بقايا سنڌيار 43

. هن هڪ پاسي حڪومت آل پارٽي ۾ شرڪت جي دعوت ڏئي رهي آهي ٻئي پاسي تحريڪ انصاف خلاف ڪوڙا ڪيس، ڪردار ڪشي، ڪارڪن کي ڌمڪيون ڏيڻ جو سلسلو به جاري آهي. لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي هن چيو ته ڪيس وزيراعظم جي ٻي حسي نظر اچي رهي آهي جڏهن ته پوري صوبي ۾ قوم تي سوڳ جي لهرڇانيل آهي. هن چيو ته مان شهباز شريف کان سوال ڪيان ٿو، اسان حساب ڏيڻ لاءِ تيار آهيون، ڇا اوهان به تيار آهيو؟ اوهان جي دور ۾ پنجاب ۾ جيڪي عدالتن کان مٿانهان قتل ٿيا ان جو حساب ڏيڻ لاءِ تيار آهيو؟ شاهه محمود قريشي چيو ته جڏهن کان سازش ۽ مداخلت ذريعي سنڌس حڪومت ختم ڪئي وئي، تڏهن کان دهشتگردي جي واقعن ۾ واڌ آئي آهي. هن چيو ته ماڻهوان جو ذميوار پي ٽي آءِ کي قرار ڏئي رهيا آهن پر هُن چيو ته ڇا نواز شريف 2013 ع ۾ سڀ کان پهريان ٽي ٽي پي سان ڳالهين جي شروعات نه ڪئي هئي جن جي ناڪام ٿيڻ کانپوءِ ضربِ عضب شروع ڪيو ويو. هن وڌيڪ چيو ته پي ٽي آءِ ڪڏهن به قانوني گهرجن کان هٽي ڪري يا پاڪستان جي آئين ۾ موجود شقن جي خلاف ويندي ويڙهاڪن سان ڳالهين جو نه سوچيو هو

بقايا سنڌيار 44

منير اڪرم گڏيل قومن جي اداري ۾ افغانستان جي باري ۾ آگاهي ڏيندي بيان ڏنو هو ته طالبان حڪومت طرفان عورتن جي تعليم تي پابندي جو فيصلو مذهبي نقطي کان وڌيڪ پشتون ثقافت سان آهي. هن چيو هو ته پشتون ڪلچر ۾ عورتن جو گهر ۾ رهڻ ضروري آهي ۽ اِها حقيقت سوين سال گذري وڃڻ باوجود ناهي بدلي. هاڻي سخت تنقيد ڪانپوءِ منير اڪرم معافي گهري ورتي آهي. ان ڏس ۾ هن چيو ته منهنجن تبصرن سبب ٿيندڙ دل آزادي تي معذرت ڪيان ٿو هن وڌيڪ چيو ته منهنجا لفظ پاڪستان جي صحيح عڪاسي نٿا ڪن. عورتن ۽ نياڻين کي تعليم حاصل ڪرڻ کان روڪڻ نه اسلامي ڪلچر آهي ۽ نه ئي پختون ڪلچر آهي.

PAKISTAN POST
پاڪستان پوسٽ

حڪومت پاڪستان
وزارت مواصلات
(از دفتر پوسٽ ماسٽر جنرل ميٽرو پوليٽن سرڪل ڪراچي)
ST.19 Block_2 Clifton Karachi

پاڪستان پوسٽ ۾ مناسب جڳهه تي ڪاروبار ڪرڻ جو سنهري موقعو

ڪراچي جي ڪاروباري حب آءِ آءِ چندريگر روڊ تي واقع پاڪستان پوسٽ جي سرڪاري عمارت ڪرائي جي لاءِ دستياب آهي. ان عمارت کي ڪرائي تي حاصل ڪرڻ جي خواهشمند اداره فردن مان مهربند آڇون گهرائجن ٿيون. ٽينڊر فارم 2023_03_08 تائين آفيس وقت دوران هن آفيس مان حاصل ڪري سگهجن ٿا عمارت جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو

سيريل	تفصيل	احاطو چورس فوٽ	لوڪيشن
1	ٻهرين منزل ڪراچي جي پي او بلڊنگ	17881	آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي
2	ٻي منزل ڪراچي جي پي او بلڊنگ	14988	آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي

شرط ۽ ضابطا

1. ڄاڻايل جڳهه ماهوار ڪرائي جي بنياد تي ڏني ويندي جڏهن ته ڪامياب پارٽي جي لاءِ ڇهه (06) مهينن جو ڪرايو ايڊوانس طور جمع ڪرائڻ لازم هوندو.
2. ڪامياب پارٽي ڇهن مهينن جي ڪرائي جي برابر سيڪيورٽي ڊپازٽ جمع ڪرائڻ جي پابند هوندي. جيڪا معاهدي جي مدت جي خاتمي کان پوءِ قابل واپسي هوندي.
3. معاهدي جي مدت ٽي سال هوندي جنهن جو واڌارو گڏيل رضامندي سان وڌيڪ ٻن سالن جي لاءِ ڪري سگهجي ٿو.
4. ڪرائي دار پارٽي کي ڄاڻايل بلڊنگ جي اندر ڪنهن به قسم جي ٽوڙ ڦوڙ جي اجازت نه هوندي.
5. جڳهه کي استعمال ۾ آڻڻ جي لاءِ ڪامياب آڇ ڏيندڙ کي تزئين ۽ آرائش جو ڪم پاڻ ڪرائڻو پوندو جنهن جو خرچ پوسٽ کاتي جي ذمي نه هوندو. وڌيڪ هي ته سڀئي ڪم هن کاتي جي اجازت سان ڪرڻا پوندا.
6. ٽينڊر فارم پوسٽ ماسٽر جنرل آفيس واقع ST_19 Block_2 Clifton Karachi مان آفيس وقت دوران ڏنل نمبر تي رابطو ڪري ٽينڊر فيس مبلغ ٻه هزار روپيا (2000 رپيا) ناقابل واپسي ڪنهن به جي پي او ۾ (ACG_67) جي تحت جمع ڪرائي حاصل ڪري سگهجن ٿا.
7. ٽينڊر فارم سان گڏ سوڻي رقم/ ڪال ڊپازٽ مبلغ ٻه لک رپيا (Rs.200,000/-) پي آرڊر جي صورت ۾ جمع ڪرائڻي پوندي جيڪا قابل واپسي آهي.
8. سڀئي قسمن جي يوٽيلٽي بل جي ادائيگي ڪرائي دار جي ذمي داري هوندي.
9. سڀئي آڇون منظور ٿيل ليز/رينٽ پاليسي آف پاڪستان پوسٽ 2020 جي تحت عمل ۾ آنديون وينديون.
10. مهربند فارم تاريخ 2023_03_09 تي منجهند جو 02:00 وڳي تائين هن آفيس ۾ وصول ٿيڻ گهرجن جيڪي ان ئي ڏينهن منجهند جو 2:30 وڳي آڇ ڏيندڙن يا انهن جي نمائندن جي سامهون کوليا ويندا. مقرر وقت ڪانپوءِ وصول ٿيندڙ ٽينڊر شامل نه ڪيا ويندا. وڌيڪ معلومات فون نمبرز اسسٽنٽ انجنيئر (سول) 03342660390_99250113021 کان آفيس وقت دوران حاصل ڪري سگهجن ٿا.
11. مجاز اٿارٽي پي پي آر اي 2004 روزج جي مطابق ڪنهن هڪ يا سڀئي آڇن کي رد ڪري سگهي ٿي.
12. پنجن سالن ڪانپوءِ کاتي کي اختيار حاصل هوندو ته ڪرائي داري کي ٽئين سري سان مشتهر ڪري ۽ نيون آڇون طلب ڪري.

(مصطفيٰ ڪمال)
ڊپٽي پوسٽ ماسٽر جنرل
ميٽرو پوليٽن سرڪل ڪراچي
فون نمبر: 02199250107

PID K No.2254/22